# رهبر يا رهزن؟

جي ايم سيد جي
سياست جي ٽيڪاٽپڻي

---

رسول بخش پليجو

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# رهبر يا رهزن؟

سنڌي قوم هن وقت تباهيءَ جي اونهي کاهيءَ جي ڪناري ڪي ويجهي اچي رسائي وئي آهي. اها ڪيترو وقت پنهنجو قومي وجود بچائي سگهندي ان جي ڪابہ خبر ناهي. ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ ان جا ڪارڻ ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا ٻاهريان ٻيا اندريان. عام طرح ٻاهرين کان اندريان ڪارڻ وڌيڪ اهم هوندا آهن ۽ ٻنهي قسمن جا ڪارڻ هڪٻئي سان لاڳاپيل، هڪ ٻئي تي اثر وجهندڙ، هڪ ٻئي کان متاثر ٿيندڙ ۽ هڪٻئي ۾ سمايل هوندا آهن. ٻاهرين ڪارڻن ۾ ڌارين جون لاڳيتون ڪاهون، اڳرايون، قبضا، ڦريون لٽون، ظلم ۽ زوراوريون شامل آهن. اندرين ۾ سنڌ جي جاگرافيائي بناوت ۽ اقتصادي، سياسي ۽ فوجي خيال کان بيهڪ، موسمي حالتون، مينهن نہ پوڻ، سمنڊ جو ڪنارو ڪافي ڪاڏل نہ هجڻ، آبادي گهٽ هجڻ، نسلي ورثو، قومي نفسيات ۽ ٻيون حالتون شامل آهن. تاريخ ۾ وڌيڪ اهميت ڪهڙي ڳالهہ جي آهي؟ قومن ۽ طبقن جي اجتماعي عملن جي يا فردن ۽ شخصيتن جي انفرادي ڪارنامن جي؟ عام ماڻهن جي يا ليڊرن جي؟ اهي تمام وڏا ۽ پيچيدا سوال آهن جن جا رڳو جزوي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. بهرحال ايترو چئي سگهجي ٿو تہ تاريخ ۾ سٺن يا برن فردن جي ڪردار کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. تاريخ جي ڪن نازڪ گهڙين ۾ طبقن ۽ قومن جي موت ۽ حياتي جو دارومدار غيرمعمولي حد تائين فردن جي سٺي يا بري ڪردار تي هوندو آهي. ڪنهن طبقي يا قوم ۾ غدار گهڻا آهن يا سورما؟ غدارن جي چالاڪي، مڪاري، عياري ۽ ٻهروپ ڪرڻ جي لياقت ڪيتري آهي؟ سچن سورمن ۾ لياقت، مضبوطي، دورانديشي، صبر، اورچائي، محڪم ارادو، هوشياري، ڪاريگري، سورهيائي ۽ خود قرباني ڪيتري آهي؟ منجهن پيچيدين حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ڪيتري آهي؟ ڪيترين تاريخي گهڙين ۾ قومن ۽ طبقن جي فتح ۽ شڪست جو دارومدار انهن ئي ڳالهين تي هوندو آهي. هر قوم هيرا بہ پيدا ڪري ٿي ۽ غدار بہ. هيرا ۽ غدار ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا اهي جيڪي ڄاتل سڃاتل

آهن، ٻيا اهي جيڪي لکا نٿا ڏين يا قوم ۽ طبقو ڪين لکي ۽ سمجهي نٿا سگهن؛ هڪڙا چوٽ چڙهيل، نشانبر ۽ نروار ٻيا اڻ لکا ۽ ستن پردن ۾ لڪل ۽ ڳجها.

سنڌ ۾ به پنهنجي پتيءَ جا هيرا ۽ غدار آهن. ڏاهر، دودو، دريا خان، مخدوم بلاول، شاهه عنايت، هوشو، هيمون، پتو، فاضل ۽ ڪيئي ٻيا ظاهر ۽ پڌرا سورما ليکجن ٿا. چنيسر، جام فيروز، قاضي قادن، مير علي مراد، مير صوبدار، نائون مل، ون يونٽ جا نهرائيندڙ سنڌ جا ظاهر ۽ پڌرا غدار ليکجن ٿا.

ڳجهن ۽ لڪل هيرن ۽ غدارن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. انهن جي خبر ڪنهن کي پوي ۽ ڪيئن پوي؟ خاص ڪري انهن هيرن ۽ غدارن بابت جيڪي پاڻ لڪائڻ جي شعوري ڪوشش ڪن ٿا. اهڙن جي ڪوج لڳائڻ لاءِ وڏا ڏونگر ڏورڻا ۽ ڪشالا ڪڍڻا پوندا. تاريخي حقيقتن تان مٽيءَ جا مڻ لاهڻا پوندا، پردا چاڪ ڪرڻا پوندا ۽ روپ ٻهروپ پروڙڻا پوندا.

سنڌ جي تاريخ ۾ هڪڙو ڳجهو ۽ لڪل غدار اعظم اهڙو به آهي جنهن جو اڄ تائين غدارن جي لسٽ ۾ پلجي به ذڪر ڪونه ٿيو آهي. پر ان جي غداريءَ جو رڪارڊ صحيح سلامت ۽ معتبر نموني تاريخ ۾ محفوظ ٿي چڪو آهي. اهو صاحب آهي محترم موکو بن وسايو جنهن اٽڪل ساڍيون ٻارهن صديون اڳ محمد بن قاسم جي ڪاهه وقت عرب سامراجين سان سازباز ڪري قوم آڏو اهو ڍونگ رچايو ته سنڌ پاران بهادري ۽ سورهيائي سان عربن خلاف وڙهڻ ٿو وڃان! پوءِ پنهنجي فوج کي سازش سان عربن هٿان مارائي پنهنجي قوم کي تباهه ڪرائي نه رڳو دشمنن وٽ سرخروئي حاصل ڪيائين پر وڏي ڳالهه ته خود پنهنجي قوم جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي پاڻ کي قوم جي قاتل ۽ غدار بدران قوم جو سرفروش سورمو ۽ هيرو ڪري به پيش ڪيائين. اهڙا غدار ٻين جي پيٽ ۾ ڪئين دفعا وڌيڪ خطرناڪ آهن. جيڪي لکا نٿا ڏين ۽ قوم کهايو لکا وتن. پر انهن کان چوٽ تي چڙهيل ۽ هزار دفعا وڌيڪ خوفناڪ غدار اهي آهن جيڪي نه رڳو غداري ڪن ٿا ۽ نه رڳو ظاهر نٿا ٿين پر هو اڳتي وڌي پنهنجي قوم پاران وڙهڻ جو ۽ قوم جي سورمي ۽ سورهيه اڳواڻ هجڻ جو ڍونگ به رچائين ٿا. ڇا ڳالهه اتي ختم ٿي؟ ڇا غداريءَ جو انت اهو آهي؟ نه! پلا پليءَ جو چيهه ڪونهي! خوفناڪ ترين غدار اڄان به ٻيا پيا آهن! اهي، اهي آهن جيڪي زبردست غداريون ڪن ٿا ۽ انهن کي لڪائڻ جي بدران انهن کي قوم اڳيان اهڙي رنگ ۾ پيش ڪن ٿا ڄڻ اهي غداريون نه پر قوم تي وڏا احسان، وڏيون عنايتون، وڏي سورهيائي ۽ سرفروشيءَ وارا ڪارناما

هجن! اهي اتي بہ بس نہ ٿا ڪن! اهي غدار پنهنجي غدارين کي قومي احسان ثابت ڪندي قوم جي حقيقي جوڌن، سورمن ۽ دودن کي اٽلو قومي غدار ثابت ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪن ٿا ۽ انهن کي غداري سان مارايو پوءِ قومي سورما ٿيو ڀانهون هڻندا، الوليون ڪندا ۽ موجون ماڻيندا رهن ٿا!! ڇا سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي اهڙا خوفناڪ، عيار ۽ مڪار ٺي گذريا آهن؟ گهٽيئي هوندا پر انهن کي پڪڙڻ لاءِ تمام اونهي ۽ ڏکي جاچ ڪرڻي پوندي.

ڇا جيئرن ۾ بہ ڪو اهڙو آهي جيڪو دودن جي ڀهروپ ۾ چنيسريون ڪريو، دودا مارايو پاڻ دودو ٿيو وينو هجي؟ جاچ ڪرڻي پوندي. جاچ جا بہ بہ قسم آهن، هڪڙي پاڙي جاچ، ٻي مڙساڻي جاچ. علمي خيال کان پاڙي جاچ اها آهي تہ جاچ جا نتيجا جيڪڏهن طبيعت موافق آهن تہ مڃبا نہ تہ پڙ ڪڍي ٻيهبو. نتيجا پلي اکين اڳيان پڌري پٽ پيا هجن پر اهي قبول نہ ڪبا. پل دل ۾ سچي ڳالهہ وسي پئي پر اقرار نہ ڪبو، چئبو نہ، مڃبو نہ! ڇي "ائين وري ڪيئن ٿيندو؟! اها بہ ڪا ڳالهہ آهي!؟ بڪواس بند ڪريو! نہ تہ هٿونوَ ٿا ڏنبو!" پاڙي ۽ بزدل سوچ جي سچاڻپ اها آهي تہ دليل بدران سونٽو الاربو، هٽبو. اکيون ڦوٽارڻ ۽ سونٽي ۾ هٿ وجهڻ معنيٰ اڻ سڌيءَ طرح ان ڳالهہ کي مڃڻ تہ " آئون جهلجي پيو آهيان، پڪڙجي پيو آهيان. منهنجن بهانن، ڪوڙن بدوڙن، مڪرن، منافقين، عيارين جو پاندو ڦاٽي پيو آهي. منهنجي ڀهروپ جا چوغا ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي پيا آهن. نانگو، اگهاڙو ٿيو وچ بازار تي بيٺو آهيان. مون وٽ ڪل پونجي ۽ منهنجو آخري دليل آهي سونٽو. مونکان پڇي پري ٿيو! منهنجي ويجها آيا آهيو تہ سونٽو مغز ۾ هوندوَ!"

مڙساڻي سوچ اها آهي تہ پوري جاچ جوچ، عقل جي ڊوڙ ۽ ڳوڙهي ويچار ڪانپوءِ حقيقتون ۽ حالتون جنهن لازمي نتيجن ڏانهن اشارو ڪن، انهن کي ڏسجي ۽ پوءِ وري ڏٺي کي بہ ڏسجي ۽ جڏهن نيٺ چٽين اکين سان ڏسي ونجي تہ برابر هيءَ ڳالهہ آهي تہ پوءِ دل ۽ زبان سان اها ڳالهہ مڃجي ۽ چئجي ۽ مناسب ۽ ضروري هجي تہ وڏي واڪي اعلان ڪجي تہ هنن حقيقتن ۽ حالتن مان نڪتل نتيجو برابر اهو آهي بلڪ اهوئي آهي ۽ ٻيو ٿي نٿو سگهي. انگريزي قانون چوي ٿو: LET JUSTICE BE DONE EVEN THOUGH HEAVENS MAY FALL "انصاف جي ڳالهہ ڪري ڏيو پوءِ پلي چونہ آسمان مٿان ڪري پوي"

سنڌ ۾ هڪڙو لقاءِ اڌ صديءَ کان پيو ڏسجي. رهبر جي رهبريءَ جو شان بہ وجي وڌندو ۽ قوم مٿان رهزني بہ وجي وڌندي! قوم تي رهبر جي احسانن جا انبار

وجن وڏندا ۽ قوم اڃي مرڻ ڪنڌيءَ تي پهتي آهي. سون ڪي هٿ ٿو لائي تہ مٽي ٿيو وڃي. نهيل ڪم ۾ هٿ ٿو وجهي تہ بگڙيو وڃي. سوپارن قافلن سان گڏجي ٿو تہ اهي راتاهن جو شڪار ٿي تباهہ ۽ برباد ٿي وڃن ٿا. مضبوطي ۽ ثابت قدمي سان اڳتي وڌندڙ پير هن جي اڳيان ٿيڻ سان ٿاهہ ۽ ياڃ جو شڪار ٿيو وڃن، وسندڙ وستيون برباد ٿيو وڃن. مرڪندڙ چهرا اوچنگارن ۾ پئجيو وڃن. آزاد ۽ اڳتي وڌندڙ قوم غلام ٿيو وڃي. مور مڙس راهہ ويندي مارجيو وڃن. علم جي روشني ڏانهن وڌندڙ نوجوان قافلا دهشت گردي ۽ جهالت جي ڏٻٽين ۾ ڦاسيو وڃن. آمريت جي مڪريل فاحشہ ڏوتي حقيقي جمهوريت جي خوبصورت چهري جا چيٻارا ٿي ڪيدي. غداري ۽ وطن فروشي جون ڏائنٽيون سورهيائيءَ جا سورنهن سينگار ڪريو بينيون آهن. وطن دوستي ۽ وفاداري تي طعنن جا تير وسائي ڪين غليظ الزامن جي گند جي انبار هيٺ غرق ڪيو وڃي ٿو.

اها ڪهڙي ماجرا آهي؟ ڪهڙو لقاءُ آهي؟ ڪهڙو طلسم آهي؟ ڪهڙو ديو جو ڪيل آهي؟ ڪهڙو جادو جو ڪوٽ آهي جنهن ۾ اهي سڀ انٹ ٿيٽيون ڳالهيون اکين اڳيان ٿين پيون؟ اهو جان عالم آهي يا بو قلمون جادوگر، ڏاهر آهي يا موڪو بن وسايو، دودو آهي يا چنيسر، دريا خان آهي يا ڄام فيروز، مخدوم بلاول آهي يا قاضي قادن، شاهہ عنايت آهي يا ان جي قاتلن جي لوڏ جو ڪو ماڻهو، سراج الدولہ آهي يا مير جعفر، ٽيپو سلطان آهي يا مير صادق، هوشو آهي يا مير علي مراد ۽ مير صوبدار، پٿو آهي يا ضياء، فاضل آهي يا مير اعجاز؟

قبلي سائين جي سڄي زندگيءَ تي گهري نظر وجهبي، سندس سمورين لڪٽين کي غور سان پڙهبو ۽ پروڙبو تہ هينيون ڳالهيون نظر اينديون.

(1) قبلي سائين جي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو الميو اهو آهي تہ هن صاحب ۾ ڦٽائڻ، ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڀڃ ڊاهہ ڪرڻ جون لياقتون تہ ماشاءالله ڪافي ڪان زياده مقدار ۾ موجود آهن پر بدقسمتيءَ سان منجهس اڏڻ، ناهڻ، جوڙڻ، بنائڻ ۽ سينگارڻ جون تخليقي ۽ تعميري صلاحيتون نہ هئڻ جي برابر آهن. هو دوستي وڌائڻ ۾ ناڪام ۽ دشمني وڌائڻ ۾ ڪامياب آهي. شاهہ صاحب کي پنهنجي ذات جي اوليت جو ٻالپڻ کان وٺي احساس رهيو آهي. هو گهر جو اڪيلو ۽ دادلو ٻار ٿي پليو آهي. سندس والد صاحب جي ذاتي جهڳڙي ۾ قتل ٿي وڃڻ ڪري گهر جو سمورو پيار ۽ سموري اهميت مٿس نڇاور ٿيندي رهي. گهر ۾ هوئي اول ۽ آخر رهيو آهي، پر

پنهنجي ماحول جي مخصوص حالتن سبب هو هميشہ احساس ڪمتريءَ جو بہ شڪار پئي رهيو آهي جو ٻاهرين دنيا ۾ ڪيس گهر واري دادلائپ واري حيثيت نہ ملي سگهي آهي. تخليق ۽ تعمير هو ڪري نٿو سگهي ڇو تہ ان لاءِ تمام گهڻين ۽ سڀ طرفين لياقتن جهڙوڪ سخت محنت، صبر، اورچائي، سهپ ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي جيڪي ڳالهيون شاهہ صاحب جي تن آسان ۽ من موجي طبيعت تي بار ڪن ٿيون. ان ڪري هن پيچ ڊاهہ ۽ ٽوڙ ڦوڙ جو وڏيڪ آسان رستو ورتو آهي ۽ ان ڪي ئي پنهنجي شخصيت ڪي مڃائڻ جو وسيلو بنايو اٿس. سنڌ جي هر سهڻي، سچي ۽ پياري شيءِ ڪي شاهہ صاحب ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان ۾ هو گهڻي قدر ڪامياب ويو آهي.

الله بخش سومرو سنڌ ۾ هڪ انوکو ماڻهو هو. هن جيڪو استعيفا جو خط 1940ع ۾ هندستان جي انگريز وائسراءِ ڪي موڪليو هو. اهو اڄ بہ رڪارڊ تي موجود آهي ۽ انگريز پارليامينٽ طرفان شايع ڪرايل ڪتابي سلسلي TRANSFER OF POWER (اقتدار جي منتقلي) ۾ محفوظ آهي. ان ڪي پڙهي محسوس ٿو ڪجي تہ ڪهڙو نہ مڻيادار مڙس هو ۽ منجهس آزادي ۽ خودمختياري جي ڪيڏي نہ تڙپ هئي. هن جي تعميري ۽ تخليقي صلاحيتن جو قبلي سائين وٽ ڪوبہ جواب ڪونہ هو. هن جو تعلق وڏيرڪي ڪلاس بدران وچولي طبقي سان هو ۽ شايد سنڌي مسلمانن ۾ هو مڊل ڪلاس جو اڪيلو باضمير چوٽيءَ جو ماڻهو هو. قبلي ڪي ڪک جو ڪان ٿي لڳو. ساڳيءَ طرح پتي، فاضل ۽ ٻي هر يگاني ۽ غيرمعمولي شخصيت قبلي جي احساس ڪمتريءَ ۽ انا تي ڇڻ هڪڙي ڇهبڪ جو ڪم ڏنو آهي. هو انهن سان گڏ جيئڻ لاءِ نہ تيار هو ۽ نہ آهي. ”تون بہ جيءُ، آئون بہ جيئان“ يا ”اچو تہ گڏجي دوستاڻي ڇتاپيتي ڪريون ۽ ثابت ڪريون تہ ڪير وطن ۽ قوم جي بهتر خدمت ڪري سگهي ٿو“ اها ڳالهہ قبلي سائين لاءِ قابل قبول ناهي ڇو تہ ڪيس خبر آهي تہ اهڙي دوستاڻي ۽ پر امن ڇتا پيتي ۾ ڪٽڻ لاءِ وٽس گهربل صلاحيتون ۽ گڻ ڪونهن.

(2) هن ۾ ننڍي هوندي ڪان وني وڏيرڪا، جاگيردارانہ ۽ ان سان گڏ آمرانہ ۽ فسطائي لاڙا هئا. خاڪسار تحريڪ ۽ مسلم ليگ ۾ شرڪت انهن لاڙن تي مهميز جو ڪم ڏنو. 54 ـ 1953ع ڌاري سندس اسڪندر مرزا ۽ ايوب خان سان ڳجهي ياريءَ جي شروعات سندس انهن لاڙن ڪي اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ڪيو. فسطائيت

جو هڪڙو پنهنجو ڍنگ هوندو آهي جيڪو 1920ع کان وٺي 1945ع تائين يورپ ۾ پنهنجي عروج تي پهتل هو ۽ اتان پوءِ سنڌ، هندستان ۽ سڄي دنيا ۾ پکڙيو. فسطائيت وٽ هر ڳالهه جو سر چشمو اگهاڙي، ننگي ۽ وحشي طاقت آهي. ”جيڪو ڏاڍو سو گابو“ ”ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا“. وحشي طاقت جي پوڄا جو اصول فسطائيت جو بنيادي اصول آهي. قبلو سائين هونءَ ته گهڻيون ئي فسطائي ڳالهيون ڪري ٿو ۽ پهچ آهر ڪندو رهيو آهي. پر وٽس هٽلر ۽ مسوليني واري فوج ناهي. ان هوندي به سندس اصل فطرت جو اندازو ان تعليم مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪا هن صاحب سنڌ جي نوجوان نسل کي ڏني آهي. جڏهن ڪو اهڙو ماڻهو نظر ايندو آهي جنهن وٽ هر دليل جو جواب سونٽي يا بندوق ۾ هٿ وجهڻ هجي، جنهن جي وجود مان سنڌي حياء، فضيلت ۽ مروت جي خوشبوءَ بدران فاشسٽ قسم جي بدفضيلتي، دٻاءَ ۽ دهشت جي بدبوءِ ايندي هجي ۽ جنهن جي زبان مان علم، سمجهه، عقل، ڏاهپ، انصاف، جمهوريت ۽ امن لاءِ حقارت پيئي ڳڙندي هجي، تڏهن ماڻهو از خود لاشعوري طور اهو سوچڻ لڳندو آهي ته همراهه کي قبلي سائين جي تعليم ۽ تربيت جي لغار ته لڳل ناهي!

قبلو سائين پبلسٽي، پروپيگنڊا ۽ سياسي افسانه نگاريءَ جي فن ۾ هڪڙو خاص مقام رکي ٿو. خاص ڪري مخالفن جي ڪردارڪشي ڪيئن ڪجي، انهن جي خلاف ٻچي ٻچي جي نس نس ۾ زهر ڪيئن پري ڇڏجي ۽ هن کي ماڻهن جي نظر ۾ حيوان، درندو، بداخلاق ۽ ذليل ڪيئن ڪري ڏيکارجي، تنهن جي فن جي هن صاحب کي ڏات آهي. هو ڪلندي ڪلندي ملائڪن کي به شيطان ثابت ڪري ڏيکاري سگهي ٿو. ان قسم جي فني مظاهري مهل هو صاحب کي به اجايون سڄايون اخلاقي حدون قبول نه ڪندو آهي. مخالف جو ڪنهن ڪنهن سان جنسي رشتو آهي، ڪهڙي قسم جو آهي، سندس زال ڪنهن سان نهيل آهي، سندس نياڻيءَ جا ڪنهن ڪنهن سان ڪهڙا ڪهڙا ناتا آهن؟ اهي داستان وڏي رس ۽ چس سان بيان ٿيندا. هو صاحب ويني ويني اهڙا اهڙا افسانا گهڙي وٺندو آهي جو ماڻهو چوندو ته چڻ ته اکين سان وٺو ڏسان. هر افساني کي روز روز ورجائي، گهڙي، ناهي، خوبصورت ۽ وڏيڪ ويساهه ڏياريندڙ بنائي ان کي ايترو ڦهلائي ڇڏيندو جو اهي ماڻهن جي نظر ۾ قرآني آيتون بنجي ويندا آهن. سياسي الزام اهڙا سادا، نهڪندڙ ۽ بظاهر معقول گهڙيندو ۽ اهي انتهائي معصوميت، پنهنجائپ، اعتماد ۽ ڪمال جي اداڪاري سان روز روز ورجائيندو رهندو جو اڳلو پلي قرآن کڻي وڃي

ڪعبي ۾ ويهي رهي ته به مجال آهي جو ڪو مٿس ويساهه ڪري! ان هنر کي ان ڪمال جي درجي تي پهچائڻ ۾ ڪيس پوري مني صدي لڳي آهي. پر سندس ڪمال جو مظاهرو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. الله ڏينهن ڏيس، سندس ڳالا جو ڏنگيل پاٽي به ڪونه گهرندو! پنهنجي دليان اهڙا پڪا پختا نشان، پار پتا، سڳ، شاهديون ناهي جوڙي تيار ڪري ايڏي ميناج ۽ لست سان پيو بيان ڪندو جو ماڻهو پاڻئي ته گهر نه وڃان سڄي رات وينو اهو داستان ٻڌان! قبلي جي گهڙيل زباني افسانن اڳيان سچيون حقيقتون چڻ ڏوڙ جي برابر لڳنديون. ٻي طرف قبلو سائين پاڻ تي تنقيد ٻڌڻ جي فائدي ۾ ناهي. هن جو اهو تمام آسان اصول آهي ته ”ٻين جي ڳالا ڪرڻ لاءِ آءٌ وينو آهيان، ٻيا فقط منهنجي ساراهه ڪن ته آءٌ دل جان سان ٻڌندس“ سچن مذهبي ۽ سياسي رهنمائن ۾ جنهن دل جي وسعت، بردباريءَ ۽ سهپ جون ڳالهيون ٻڌبيون آهن ته مٿن گند اڇلائبا هئا ته به انهن جي عيادت ڪندا هئا، ڪنڊا وڇائبا هئا ته دعائون ڏيندا هئا، رتو رت ٿي پوندا هئا ته به تشدد نه ڪندا هئا. انهن ڳالهين جو قبلو سائين به قائل آهي پر ان حد تائين ته اها وسعت، بردباري، سهپ ڏانهس ٻيا ڏيکارين، منجهائنس اهڙي اميد نه رکن. جيڪو مٿس تنقيد ڪري سو سر جو سانگو لاهي قتل ٿيڻ لاءِ تيار ٿي پوءِ پلي تنقيد ڪري.

قبلي سائين کي عملي طرح غريب ساداتن ۽ ٻين برادرين جي سنڌي ماڻهن لاءِ زباني همدردي تمام گهڻي پر عملي همدردي واجبي آهي. قبلو سائين پنهنجي ذاتي مفادن ۽ دولتمند ساداتن جي مفادن کي سنڌ جا مفاد سڏيندو ۽ ڳائيندو رهيو آهي ۽ انهن خاطر سنڌي ماڻهن کي کهڙو به ڪاپاري ڌڪ هڻڻ کان نه ڪيٻائيندو آهي. قبلو سائين غريب ساداتن سميت غريب سنڌي ماڻهن سان خاص ڪري ۽ عام سنڌي ماڻهن سان عام طرح عملي نفرت ڪندو آهي ۽ ان جو اظهار ڪرڻ ۾ ڪابه برائي نه سمجهندو آهي.

هو صاحب انتها پسند آهي. عام سنڌي حياء، شرافت، لحاظ، مروت، لانگهو ڪرڻ، درگذر ڪرڻ، ذاتي وير ڇڏي ڏيڻ يا بدلو وٺڻ ۾ سيڙها سنڌا سڄاڻڻ جو قائل نه آهي. ساڙو، ڪينو، حسد، وير، انتقام، قبلي سائين جي نس نس ۾ سمايل آهن. ان فطرت سبب هو صاحب پنهنجي جيري خاطر قوم جي ٻڪري ڪهڻ لاءِ هر وقت ڪات ڪنيو وينو هوندو آهي. پنهنجي خسيس پلاند لاءِ هو ماڻهو مارائڻ کان گهٽ ڪجهه ڪرڻ جو قائل نه آهي.

هو صاحب زبان توڙي قلم جو ڌڻي آهي. هن ۾ حد درجي جي خود اعتمادي آهي. ماڻهو ڪوڙ ڳالهائيندي ڦڪا ٿيندا آهن. منهن تي ڪوڙ ڳالهائڻ يا مئلن تي ڪوڙ وجهڻ کان لهرائيندا آهن، گهڻي ڪوڙ ۾ ٿورو سچ وجهڻ ضروري سمجهندا آهن ته متان ڪوڙ صفا اگهاڙو نه ٿي پوي. شاهه صاحب انهن ڪمزورين کان بالاتر آهي. هو اڪيون اکين ۾ وجهي يا علي الاعلان ڪتاب لکي ڪهڙي به ڳالهه چئي يا لکي سگهي ٿو چاهي ان ۾ سچ جو جزو ٻڙيءَ جي برابر هجي.

هو صاحب هڪ اعلیٰ پائي جو عملي اداڪار آهي. جو خسيس ذاتي مفادن خاطر قوم تي ڦهري ڪلور ڪندي ۽ اڳين پوين قوم جي ويرين جا رڪارڊ ٽوڙيندي به هو مظلوميت ۽ حق پرستي، دليري ۽ سورهيائي جي عاليشان ۽ ٻي مثال اداڪاري ڪري سگهندو آهي ۽ سڄي عمر پئي ڪئي اٿس. هڪڙا ماڻهو ڪا مڙساڻي ڳالهه ڪري جهلجي پوندا آهن ۽ وينا سوچيندا آهن ته پنهنجي قول تان ڪيئن ڦرون. خاص ڪري جڏهن اها ڳالهه اصولي هجي ۽ سندن ضمير ان تان ڦرڻ پسند نه ڪري، پوءِ هو سڄي عمر پيا سور چرندا آهن، پر ٻي نه ٻوليندا آهن. شاهه صاحب به انهن ڳالهين کي ڪمزوري سمجهندي ۽ ”ڦيري گهيري مردان دي، نامردان دي اڪ“ واري زماني شناسي جي سونهري اصول تي عمل ڪندي حالتن ۽ ذاتي مفاد جي مد نظر نئين سچ نئين ڳالهه ڪرڻ جو قائل آهي. بلڪ ضرورت پوڻ تي ڏينهن ۾ ڏهه ته ڇا ڏينهن ۾ ڏهه هزار مختلف ڳالهين ڪرڻ لاءِ به تيار هوندو آهي. هينئر هڪڙي، ڪلاڪ ڪانپوءِ ٻي، پنجين منٽن ڪانپوءِ ٽين، جيترا مفاد ۽ جيترا ڪن اوتريون ڳالهيون. مجال آهي جو ڪا اک به ڇنيي يا ڪا ڳالهه ڪرڻ ۾ اٽڪ ٿئي. هر ڳالهه ايئن بنا هٻڪ، رواني، خود اعتمادي، معصوميت ۽ صحيح اداڪاري سان ڪبي جڻ ڪو قرآن جو قاري تلاوت پيو ڪري يا ڪو عيسیٰ صليب ڪنڌ تي کڻي مقتل ڏانهن پيو وڃي!

خوشامد هرڪو پسند ڪندو آهي. ڪو گهڻي ڪو ٿوري. قبلو سائين ان ڳالهه ۾ ٿورائيءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻائي کي ترجيح ڏيندو آهي.

قبلو سائين ڪيترين ڳالهين م پنهنجي هم عصر، جاهل ۽ سادن سودن مطلبي وڏيرن، سياست بازن کان مختلف ۽ بهتر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس عمر ماشاءالله وڏي آهي. ڪنهن زماني کان وني ماڻهو قبلي سائين بابت شروع شروع ۾ خوشفهميون رکندا ۽ پنهنجي عقل آهر سندس تعريفون ڪندا رهن ٿا. انهن ۾ ڪيئي ڏسٽا وائسٽا ماڻهو به شامل آهن پر جڏهن اڳتي هلي ڏنئون ته هاتي جا ڏند

ڏيکارڻ جا هڪڙا ۽ ڪائڻ جا ٻيا آهن، تڏهن پڄي پري ٿيا. هينئر قبلي سائين بابت حقيقي خيال لکن ته عام ماڻهن کي جيڪر اعتبار نه اچي، پر تير ڪمان مان ڇٽي چڪو آهي. قبلي سائين اهي تعريفي خط پنهنجي جيئري بروقت ڇپرائي ڇڏيا آهن، سڀ ڪو هٿ وڌايو وينو آهي. اچي تي ڪارو لکيو ۽ ڇپيو پيو آهي. ڏڌو کير موٽي ٿڻن ۾ ڪيئن پوي؟ قبلو سائين جمهوريت جو ڪٽر دشمن. ڪهاڙو سندس دل گهريو نشان. ڪنهن کي ڪٿيءَ ڪنيو آهي جو قبلي سائين جي ڪلاشن ڪوف ليس سنڌي مار سورمن هٿان قتل ٿيڻ جو خطرو ڪٽي قبلي سائين بابت پنهنجا حقيقي خيال ظاهر ڪري! جيڪو ماڻهو الله بخش، پٽي، فاضل جهڙن مڙسن کي مارائڻ تان نه ٽريو تنهن کان جمهوري اختلاف راءِ جي حق جي اميد رکڻ ٿيو ٻيرن کان ٻير گهرڻ. تنهنڪري سڀ ڪو دل ۾ سڙيو، رڌو پکو، ٻاهران ڏند ڪڍيو، ڪنڌ لوڏ ڪندو پيو هلي. هر اخبار ۾ ڪونه ڪو قبلي جو قربدار يا سندس ڪنهن مخالف جو دشمن قبضو ڪريو وينو آهي ۽ قبلي سائين جي حق ۾ نانگ مان نوڙي ۽ نوڙي مان نانگ وينو بنائي.

قبلو سائين هاڻي ڳالهايو ڪونه سگهي. جيڪي فرمائي ٿو سو جي صحيح لکجي ته وڏا ڪي خنام ٿي پون. پر لکڻ وارا ٽن ٽن ڇئن ڇئن ڪالمن وارين سرخين سان سڳوري پاران اهي گجندڙ وسندڙ بيان ڇاپيو ڇڏين جو ماڻهو پائئي ته قبلي کي سنڌي ماڻهن جي ڏک وچان ماني به ڪانه ٿي وڻي. اهڙي طرح هو زوريءَ زبردستيءَ قبلي سائينءَ جي حاصل ڪارنامن تي پردو وجهائي ماڻهن جا چپ سبيو پنهنجي پاران هٿرادو ۽ نبار ڪوڙا بيان ڇپرائي، سنڌ دشمن پريس جي مهرباني ۽ سنڌي پريس ۾ وينل پنهنجن ماڻهن جي هٿ جي صفاين جي مدد سان ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن بنايو قبلي سائين کي سنڌ جو امام ۽ رهبر بنايو وينا آهن. ڪي ماڻهو گهٽ ۾گهٽ منهن جي خوشامد کي گهٽتائي جهڙي بري ڳالهه سمجهندا آهن ۽ چاهيندا آهن ته سندن اڻ سڌيءَ طرح خوشامد پلي ٿئي بلڪ ضرور ٿئي پر اها ڪنهن نه ڪنهن پردي ۾ ويڙهيل هجي، صفا اگهاڙي ۽ بي شرمائيءَ واري نه هجي. قبلي سائين جي درٻارين تي اهڙي ڪابه نامعقول پابندي ڪانهي. انهن کان خوشامد ڪرائي ويندي آهي. روبرو، منهن تي، بي حجاب ۽ نغاري جي چوٽ تي، زباني توڙي تحريري، اهڙي بي حساب ۽ بي حجاب خوشامد جيڪا سندس قوم کي نقصان رسائيندڙ بي حساب ۽ بي حجاب ڪمن مٿان، خوبصورت پردي جو ڪم ڏيئي سگهي.

(3) قبلو سائين هالو چالو ۽ معمولي ڪمن جو قائل نہ اهي. ”بدنام اگر هونگي تو ڪيا نام نہ هوگا“. ذاتي مفادن ۽ ضرورت آهر هر وقت تي قوم خلاف ڪهڙو بہ ڪم ڪرڻو پوي تہ ڪبو. پٽ ڪانہ ڏبي. قوم کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻو پيو تہ ڪاپاري ڌڪ هڻبو. معمولي ڌڪ نہ هڻبو، گهٽتائي نہ ڪبي. ڪنهن سان اختلاف ٿيو تہ ان کي مارائبو، مارائڻ کان گهٽ ڳالهہ نہ ڪبي. قوم ووٽ نہ ڏيئي تہ ڊڪٽيٽريءَ سان ساز باز ڪري ان کي راڪاس جي چاڙين ۾ ڏيئي ڇڏبو. پلي ياد ڪري تہ ڪهڙن مڙسن سان پالو پيو آهي.

(4) هڪڙا ماڻهو ڏوهہ جهڙا ڪم، خاص ڪري قومي ڏوهہ جهڙا ڪم، لڪائڻ لاءِ رڳو لڪ ۽ ٻهروپ ڪان ڪم وٺندا آهن. قبلو سائين لڪ جي روايتي طريقن سان گڏ ٻيا طريقا بہ استعمال ڪندو آهي. پهرين تہ ان تي اصول پرستيءَ جا بخملي لباس ۽ نظرياتي تقدس جا ريشمي غلاف چاڙهي انهن کي قوم دشمن ڪمن مان ڦيرائي قوم نواز ڪم بنائيندو مشهور ڪندو آهي. قوم تي تباهي نازل ٿيڻ کان ڏهن پندرهن سالن ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪن کي هوش ايندو آهي ۽ ان ڪم بابت شڪ شبها ظاهر ڪرڻ لڳندا آهن تہ آيا واقعي اهي ”قوم دوست ڪم هئا يا قوم دشمن ڪم هئا“، تہ پوءِ قبلو سائين حد درجي جي انڪساري، صاف گوئي، سچائي، بي باڪيءَ ۽ حق پرستيءَ جي مظاهري جو ڏيک ڏيندي پاڻ تي نهايت هلڪي تنقيد ڪرڻ بہ پسند ڪندو آهي ۽ هزارين قتلن ۽ تباهين جي ڏوهہ کي ڪنهن ٻار طرفان ٻڪريءَ جي ڳچيءَ مان مائينڊ يا چڙو ڪولي وٺڻ جهڙي معصوم غلطي ڪري ظاهر ڪندو آهي. سندس انداز اهڙو هوندو آهي جيئن ڏيان انهن ڏوهن جي سنگيني ۽ ڀيانڪ پڻي بدران سندس سادگي، معصوميت، انڪساري، صاف گوئي ۽ سچائي ڏانهن وڃي. قبلي سائينءَ جي فطرت جي مٿين خاصيت سبب هو صاحب پنهنجن جي ڪم جو گهٽ ۽ پراون جي ڪم جو وڌيڪ پئي رهيو آهي.

وفاداري ۽ سياسي اخلاق جي روايتي زنجيرن ڪان آزاد هئڻ ڪري سندس صلاحيتن مان فائدو فقط اهي ڌريون وٺي سگهن ٿيون جن کي سنون سڌن ۽ جائز ڪمن بدران ڪنهن ٻئي قسم جا ڪم ڪرائڻا هجن ۽ جن کي ان ڳالهہ جي ڪابہ پرواهہ نہ هجي تہ اهي ڪم ڪهڙي قسم جا ماڻهو ڪهڙن طريقن سان ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو قبلي سائين جي منفي صلاحيتن جو بنيادي فائدو غريب سنڌي ماڻهن بدران دولتمند سنڌي سينين، وڏيرن، انگريز بهادر، پاڪستان جي

ڊڪٽيٽر جنرلن، آمرن ۽ پناهگير رجعت پرستن پئي ورتو آهي. قبلي سائين جو سنڌي قوم بابت روايتي تجزيو اهو آهي تہ سنڌي موچڙي جا پٽ آهن. سنڌن مٿان چوويهہ ڪلاڪ ڪي نہ ڪي موچڙا هر وقت ٽنگيل هئڻ کپن تہ جيئن سنڌن مغز جاءِ تي رهي. قبلي جا موچڙا ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا روحاني ٻيا مادي ۽ ٻئي گڏجي ڪم اچن ٿا. روحاني موچڙا آهن قبلي سائين جا پنهنجي حمد و ثنا ۾ لکيل ڪتاب. سندس ويڪائو نيم ملن، اڌ پڙهيلن ۽ جاهل لباڙين جا اخبارن، ڪتابن، رسالن، اسٽيجن ۽ ڪچهرين ۾ پڙهيل سندس قصيدا، سندس سياسي معجزا، سندس قربانين، سهپن، ڪانين ڪرامتن ۽ معجزن جا جڙتو، هٿرادو، ڏند ڪٿائي قصا، ڪهاڻيون ۽ افسانا. سنڌ جا ٻالا ڀالا اڻ پڙهيل ماڻهو جيئن ٻين ڪرامتن ۽ ڪانين جا وات ڦاڙيو ذڪر ٻڌن ٿا تيئن هن بزرگ جون افسانوي ۽ من گهڙت ڪرامتون ٻڌيو سنڌن عقل چرخ ٿيو وڃي. سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل بابت قبلي جون ڏند ڪٿائون ٻڌي ٻڌي سنڌن دماغ جنن ۽ پرين جي ديسن ۾ پهچيو وڃن ۽ قبلو سائين کين دودو ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيمون نظر اچڻ لڳي ٿو.

قبلي جا جسماني موچڙا آهن پنجابي فوج، حڪومت ۽ انتظاميہ ۾ وينل سندس ماڻهو ۽ سندس ڪلاشنڪوف بردار ضياء پرست، جڙتو سورمن جو ٽولو جن جا بنيادي ڪارناما هن قسم جا آهن. سنڌي شاگردن، هارين نارين ۽ عوام خلاف دهشت گردي ڪرڻ، جمهوريت جي مخالفت ڪرڻ، سنڌين جي بچاءَ جو ڊونگ رچائڻ، سنڌي ماڻهن کي ڪوبہ جلسو جلوس ڪرڻ نہ ڏيڻ، انهن خلاف ضياء جي مارشل لا کان بہ سخت مارشل لا لاڳو ڪرڻ، فوج ۽ انٽيليجنس پاران جاسوسي ڪرڻ ۽ جمهوريت پسند ماڻهو ٻڌرائڻ، سنڌي قوم کي ٻي يارو مددگار بنائڻ لاءِ انهن تي جڙتو دوست مڙهڻ، ۽ سعيو ڪري غيرجانبدار ماڻهن کي سنڌين جو دشمن بنائڻ، سندس دوستن سان وير وجهڻ، سندن هڏ ڏوکين جي جان جو دشمن ٿيڻ، لطيف جي جلسن کي گولين سان درهم برهم ڪرڻ، لاڙڪاڻي ۾ لطيف جي جلسي کي خراب ڪرڻ لاءِ ڪلاشنڪوف ڪٽي شاگردن کي زوري يرغمال بنائي ساڻن بسون پرائي اوڏانهن ڪاهي وڃڻ، ٿوڙهي ڦاٽڪ جهڙن قهرن لاءِ ميدان تيار ڪرائڻ ۽ ٻيا مارائي پاڻ پيش پئي هٿيار ڦٽا ڪرڻ، پنهنجي کل بچائڻ، ان هوندي بہ پاڻ کي سورمو سڏائڻ، چوويهہ ڪلاڪ ڪوڙ ڳالهائڻ، الزام تراشيون ۽ بهتان طرازيون ڪرڻ، ڌمڪيون ڏيڻ، لباڙون هڻڻ، ٻئنڪون ڦرڻ، ڌاڙا هڻڻ، سنڌي مارڻ،

قبلي سائينءَ جون ڪانيون ڪرامتون بيان ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، ڌاڙاگيريون ڪرڻ وغيره وغيره.

(5) جڏهن بہ سنڌ ۾ ڪا صف آرائي ٿي آهي تہ قبلو سائين اڪثر ان پاسي بيٺل نظر ايندو آهي جنهن پاسي سنڌي قوم جا دشمن بيٺل هوندا آهن.

(6) پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ جڏهن عيار ۽ مڪار دولتمند سيٺين جي سنڌ جي ابوجهہ ۽ غريب هاري عوام سان طبقاتي ويڙهہ پئي هلي تڏهن قبلو پاڻ ڪي اصول پرستيءَ جا ٻلا هٽيو ۽ سامراج دشمن جا ٻهروپي لباس اوڍيو سنڌي عوام خلاف سيٺين سان گڏ هئو.

(7) جڏهن سنڌي ماڻهن جي اِها ضرورت هئي تہ 1936ع جي مليل خود مختياري مان سنڌي ماڻهو اپرو سيرو پئسو ٽڪو فائدو وٺن تڏهن قبلي سائين جن سنڌي صوبائي خود مختياري کي تارپيڊو ڪرڻ جي مهم ۾ جنبيل هئا ۽ رات ڏينهن هڪ ڪري ڪنهن بہ سنڌي وزارت کي هڪ ڏينهن بہ ويهي سک جو ساهہ کڻڻ ۽ سنڌي ماڻهن جا اپرا سيرا ڪم ڪرڻ جو موقعو ڪونہ ڏنائون. هر دفعي وانگر پنهنجي انهيءَ قوم دشمن مشغوليءَ کي بہ قومي ڪارنامي جو درجو عطا ڪيائون ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ ان لاءِ پنهنجو پاڻ کي قومي سورمو ڪري ڄاڻايائون.

(8) انهيءَ دوران انگريز بهادر، هندو سيٺين ۽ يوپيءَ جي نوابن ٽنهي جي هڪ ئي ڏک سان خدمت ڪندي سنڌ ۾ نفرت جو آڙاهہ ڏکائي سنڌي هندو ۽ مسلمان عوام جي گڏجي رهڻ کي ناممڪن بنائڻ لاءِ ۽ برصغير ۾ نفرت جي آڳ جون ديواريون ڪڙيون ڪرڻ لاءِ سکر ۾ مسجد منزل گاهہ نالي فتني جو بنياد رکڻ فرمايائون ۽ ان کي مچائي، مورائي هڪڙي ڪربلا جي صورت ڏيئي سوين سنڌي کهرائي ۽ ڦاسين تي لٽڪرائي، ورهاڱي ۽ لڏ پلاڻ جي پيڙهہ جو سنگ بنياد رکڻ جو اهتمام فرمايائون.

سنڌي هندن کي يهودي ڪوني انهن خلاف مهمون هلائي يوپيءَ جي نوابن ۽ نوابزادن جون خوشامديون ۽ ساراهيون ڪري پاڪستان جو نعراءُ پاس ڪرائي ٻاهران نمڪحرام لوڏون آڻائي پنهنجا مفاد حاصل ڪيائون ۽ سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪرايائون.

ان ڳالهه کي ائين چئي لئي مٿي ڪرڻ فرمايائون تہ اها ڪانئن ڀل ٿي وئي ۽ ڪين افسوس بہ آهي. اها ڳالهہ اهڙي ادا سان، بلڪ ادبي ۽ سياسي اداڪاري سان ڪئي وئي جو سنڌي ماڻهن لاءِ لازم ٿيو پوي تہ هو قوم جي عظيم محسن جي انهي ڪثر نفسي جي شڪرگذاري وچان پنهنجا ڪنڌ احسانمندي جي احساس وچان جهڪائي ڇڏين ۽ وري ڪڏهن بہ مٿي نہ ڪڻن.

پاڪستان نهڻ مهل قبلو سائين ۽ سنڌس سمورين دل گهرين دولتمند سيدن کي ٽڪيٽ نہ ملي سگهڻ ڪري محمد علي جناح سان وڙهي پيو ۽ پنهنجي ان ٽڪيٽ جي ويڙهہ کي ”سنڌي قوم پاران قومي ويڙهہ“ قرار ڏيئي پاڻ کي سنڌي قوم جو محسن ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو. پاڪستان نهڻ کان پوءِ قبلي سائين ”نئين سنڌ جي جدوجهد“ ۽ ٻيا ڪتاب لکيا، جن ۾ هن صاحب پنهنجي قلم جو سمورو زور ان ڳالهہ تي لڳايو تہ ڪيئن بہ ڪري ثابت ڪجي تہ هن جيڪي بہ سياسي ڪرتب پئي ڪيا، جيڪي بہ ماڻهو مارايا، جيڪي ملڪ لڏايا، جاني جدا ڪيا، آڳ ۽ خون جي هولي کيڏي، سنڌ سان ڪربلا ڪئي، سندس ڪونڌر کهايا سي سڀ سندس سنڌي قوم تي عظيم احسان آهن.

(9) ون يونٽ نهيو تہ قبلي سائين ”اينٽي ون يونٽ فرنٽ“ ناهيو جيڪو قبلي جي مهرباني سبب ڪاغذي گهوڙي ڊوڙ ۽ زباني جمع خرچ کان اڳتي وڌي نہ سگهيو. اهڙيءَ طرح قبلي سائين پناهگيرن واري ان روايت کي جاري رکيو تہ ڪو چڱو ڪرڻ جهڙو ڪم ڪو وڏو ڪاز هجي تہ ان لاءِ سڪڻي ڪاغذي والار ڪري ڇڏجي. اهڙيءَ ريت پاڻ کي ان ڪاز جو ٺيڪيدار بنائي ان ڳالهہ جو امڪان ختم ڪري ڇڏجي تہ متان ان عظيم مقصد جا حقيقي وارث ۽ ان مقصد کي عملي جامو پارائڻ جي حقيقي سگهہ رکندڙ قوتون نيٺ سجاڳ نہ ٿي پون ۽ سڀ گڏجي سڏجي مڙسي ڪري اهو مقصد حاصل نہ ڪري وٺن.

ان ڪاغذي ڪاروائي، زباني جمع خرچ ۽ سڪڻي والار کي سنڌي ماڻهن خلاف بلڪ سڄي پاڪستان جي عوام خلاف هيئن ڪتب آندو ويو جو اسڪندر مرزا سان ساز باز ڪري مغربي پاڪستان جي اسيمبليءَ مان، اسڪندر مرزا جي حامي ميمبرن جي مدد سان ون يونٽ ٽوڙائڻ جو بل بحال ڪرائڻ جو ڊونگ رچائي مارشل لا جي لاءِ ميدان هموار ڪيو ويو. اسڪندر مرزا اهڙوئي ڊونگ بلوچستان ۾ رچرايو، خان قلات ۽ آزاد بلوچستان جي حمايت ۾ بغاوت جو ناٽڪ رچائي اهو

تاثر ڏنو ويو تہ ملڪ تباھ ٿيڻ وارو آهي ۽ سول حڪومت هوندي تہ ٽپڙ پورا ٿي ويندا ان ڪري ڪلي ۽ ننگي فوجي آمريت قائم ڪئي وجي. انهن ڏينهن ڪان وٺي قبلي سائين جو سول ۽ فوجي آمريت سان يارانو هلندو اچي ۽ قبلو سائين نهايت وڏي جاکوڙ سان آمريت جي مقصدن جي سڌي توڙي اڻ سڌي پڌري توڙي ڳجهي، ظاهر ظهور توڙي فنڪارانہ ۽ چالاڪيءَ سان خدمت ڪندو ۽ پنهنجا ڳجها ۽ پڌرا مطلب حاصل ڪندو رهي ٿو.

(10) قبلو سائين جنهن فنڪاري ۽ ڪاريگريءَ سان سياسي وارداتون ڪري ٿو تنهن جا ٻہ ننڍڙا پر اهم مثال هي آهن. پهريون شاھ صاحب جي پنهنجن نام نهاد قربانين بابت ۽ پنهنجي هر لالچ ڪان بالاتر هجڻ بابت پروپيگنڊا. قبلو سائين زندگيءَ ۾ رڳو هڪ دفعو ڪجھ وقت لاءِ وزير رهيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ "هو وزارت ۽ اقتدار جو بکيو نہ آهي" حقيقت اها آهي تہ قبلي سائين کي ڏکي تجربي کان پوءِ اهو معلوم ٿي چڪو آهي تہ هو سڌيءَ طرح ايمانداريءَ واري سنئين سڌي وڏيرڪي سياست ڪندو تہ ان مان ڪيس جيڪو بہ سياسي اثر رسوخ حاصل ٿي سگهي ٿو سو سندس سياسي ۽ ذاتي خواهشن جي پورت لاءِ ڪافي نہ هوندو ان ڪري سندس واسطي سنئين سڌي عام قسم جي ايري سيري جمهوري سياست ۾ حصو وٺڻ بدران چور دروازي مان آمرانہ فسطائي، فوجي ۽ دهشت گرد سياست ۾ حصو وٺڻ وڌيڪ نفعي واري ڳالھ ٿيندي. ان ڪري هو سياسي طاقت جي ظاهري ۽ نمائشي جمهوري روپن بدران طاقت جي اصلي آمرانہ ۽ فسطائي فوجي ذريعن جو ڳولائو پئي رهيو آهي. سندس واردات جو طريقو هي رهيو آهي تہ مالڪن سان ساز باز ڪري پنهنجي دل گهرين ماڻهن کي مختلف ليبلن هيٺ وزير بنائي پوءِ ويهي انهن معرفت اصل ڪٽيو ڪائجي. زمينون، مال ۽ ملڪيتون، ڪم ڌنڌا، پاور ۽ رعب تاب حاصل ڪجن ۽ جيڪو غريب غربو ڪم لاءِ چوي تنهن کي ڏاڍي معصوميت ۽ ڀال پولائي جي انداز سان چئجي. ابا! اسانجو اقتدار جي راند سان ڇا وجي؟؟ اسان قوم جي لاءِ رت جي راند ڪرڻ ۾ رات ڏينهن غرق. وزير هڪڙو ڇڙهيو بيو لٿو. اسان لاءِ سڀ هڪجهڙا، سڀ چور! اهڙيءَ ريت غريب مسڪين عقيدت مند ڪو ڪم ڪار چوندا تہ ڪين ساڳي صدق دليءَ جي حالت ۾ ئي ڊوڙائي گهر موٽائي موڪلبو ۽ جيڪا بہ هلندي هوندي سا پنهنجي ئي پيٽ تي ڦيٽي وجهڻ لاءِ ڪتب آڻي سگهبي.

ٻي آهي سندس قيدو بند ڪاٽڻ جي پروپيگنڊا. قبلو سائين چوندو آهي تہ مان ايڪويهہ سال جيل ۾ رهيو آهيان. حالانڪ هو جيل ۾ سمورن ڄاتل سڃاتل سنڌي قومي ڪارڪنن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ وقت رهيو آهي. يعني لاچار ڪي سال يا ٻہ. شاهہ صاحب ڪجهہ سال عجيب غريب نام نهاد نظربنديءَ ۾ رهيو آهي. ڏسڻ وائسڻ ماڻهن ڪي اهڙو ڪم ڪرڻ تي لڄ محسوس ٿيندي آهي. جنهن مان ماڻهو سمجهن تہ فلاڻو هن عمر ۾ اهڙيون ڳالهيون پيو ڪري جي سندس منهن تي نہ ٿيون پون. مثلاً ماڻهو عملاً آزاد هجي ۽ پاڻ ڪي قيد سڏائي. ماڻهو ظالمن سان گڏ هجي ۽ پوءِ چوي تہ مان مظلوم آهيان.

ماڻهو اقتدار ۾ وينو هجي ۽ چوي تہ منهنجو اقتدار سان واسطو ڪونهي. قبلو سائين ڪجهہ سال پاڻ ڪي اهڙي حالت ۾ نظربند سڏائيندو رهيو جنهن ڪي نظربندي سڏڻ نظربندي جو مذاق اڏائڻ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌ جو ڪوبہ ٻيو ڏسڻو وائسڻو ماڻهو پاڻ ڪي نظربند سڏائي پاڻ تان ماڻهو نہ کلائي ها. قبلي سائين جي نظربندي ڪجهہ هن قسم جي هئي تہ پوليس جي موجودگي هڪ تڪلف ۽ هڪ رسم هئي. قبلو سائين چوويهہ ڪلاڪ عملاً آزاد، ضياء آمر جي حمايت ۾ مشغول ۽ سرگرم هئا. سنڌ ۾ ٻاهران ضياء جي مارشل لا هئي اندر وري هڪڙي ٻي شاهہ صاحب جي مارشل لا هئي. جنهن جا هيڊ ڪوارٽر سنڌ جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ هئا. قبلو سائين اها سنڌي ماڻهن خلاف ذاتي مارشل لا نام نهاد نظربنديءَ ۾ هلائيندو رهيو. فاتحون ڪرڻ بيماري جي علاج جي بهاني، بيمارن جي پڇڻ لاءِ نہ رڳو سنڌ پر ٻاهران ملڪ جهڙوڪ هندستان وغيره گهمندو ڦرندو پنهنجي ضياء پرست سياست ڪندو رهيو. سنڌي ماڻهن جي جمهوري جدوجهد خلاف سياست ڪرڻ ۾ مصروف رهيو. پنهنجي ڪي مارائڻ ۾ مشغول رهيو. پنهنجي جي حامين خلاف منصوبا سٽيندو پاڻ ڪي نظربند سڏائيندو هزارين ماڻهن جي شرڪت سان سالگرهون ملهائيندو رهيو. دنيا ۾ ڪنهن ڪو ٻڌو تہ نظربندي ۾ هزارين ماڻهو گڏ ڪري سالگرهہ ملهايائين!

اسڪندر مرزا کان پوءِ ايوب جي دور ۾ قبلو سائين پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪجهہ سچي ڪجهہ ڪوڙي نظربنديءَ ۾ رهيو. 1965ع جي جنگ ۽ تاشقند معاهدي تان پٽي ۽ ايوب جي اٽبٽت جو موقعو وني علي محمد راشدي جي معرفت پٽي خلاف ايوب سان ملي ويو. پٽي کي ختم ڪرائڻ جو منصوبو سٽيو ويو. ان منصوبي جي پٺاندر قاضي فضل الله کي ون يونٽ جو هوم منسٽر مقرر ڪيو ويو. پٽي خلاف

ٽريڪٽر ڪيس داخل ڪيا ويا. قبلي سائين کي ان شرط سان نالي ماتر نظربندي مان آزاد ڪيو ويو تہ هو قاضي فضل الله سان گڏجي پٽي جي پاڙ پٽيندو ۽ ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ هلندڙ جدوجهد کي ختم ڪري ڇڏيندو. چنانچہ آزاد ٿيڻ شرط پنهنجي دستوري مخصوص مزاج مطابق سنئين سڌي ڳالهہ ڪرڻ بدران ڳجهہ ڳوهہ، سازش ۽ ٻهروپ جو رستو ورتو، بجاءِ ان چوڻ جي تہ "اسين هاڻ ايوب سان نهي ويا آهيون. ۽ ون يونٽ ٽوڙڻ بدران هاڻي پٽي ڪان ابن ڏاڏن جا وير ونڻ ۾ جنبي ويا آهيون" اعلان ڪيو ويو تہ "مون سياست تان رٽائر ڪيو آهي ۽ ون يونٽ خلاف لڙائي ڪندڙ ڪارڪن هاڻي حڪومت سان مهاڏو اٽڪائڻ جو ڏنڌو ڇڏي وجي پنهنجا اندر اجارين ۽ پنهنجا اخلاق سڌارين!" ارشاد فرمايو ويو تہ "افلاطون چيو آهي تہ جڏهن ملڪ مٿان آمريت جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هجن تڏهن عقلمند ماڻهو جو ڪم آهي تہ گهر جي چوديواري ۾ بند ٿي ويهي مطالعو ڪري." ان ڏينهن ڪان وٺي جيئن قبلو سائين جنرلن سان گڏيو تيئن ساڻن ساٿ جاري رکي اڄ ڏينهن تائين هزارين اٽڪلن، ۽ حرفتن ۽ ڦيرين گهيرين سان سنڌي قوم جو ٻيڙو غرق ڪندو رهي ٿو تانجو اڄ سنڌ ٻي وس ۽ نڌڻڪي ٿي دشمن جي پيرن ۾ پيئي آهي.

قبلو سائين سنڌي ماڻهن جي ون يونٽ خلاف شاندار جدوجهد کي ايئن ميسٽي نموني اڌ ۾ گوهي ڏياري، آمريت پرستي جي اوجهڙ ۾ آٽي ڦٽو ڪري راهن ۾ رولي پاڻ ڪهي وڃي لاهور ڪان نڪتو. قبلو پنهنجو هر "ڪارنامو" ڪنهن نہ ڪنهن خوبصورت پوش ۾ ڪرڻ جو عادي آهي. هن ايوبي آمريت جي خدمت ڪرڻ لاءِ بہ خوبصورت نعرا بلند ڪيا. هن مطالبو ڪيو تہ ايوب سان جيڪا سياستدانن جي گول ميز ڪانفرنس هلي رهي هئي تنهن ۾ هن کي بہ شامل ڪيو وڃي تہ جيئن هو اتي ايوب جي لائين کي اڳتي وڌائي، ايوب وٽ سرخرو ٿئي. اها ڳالهہ هن صاحب هن خوبصورت نعري جي پردي ۾ ڪئي تہ "ننڍن صوبن کي الڳ نمائندگي ڏني وڃي". ٻيو نعرو هن اهو بلند ڪيو تہ "جيستائين اليڪشنون نہ ٿيون ٿين تيستائين ايوب کي نہ هٽايو وڃي".

ان بعد هو سمورو وقت انهيءَ ڪم لاءِ نئين آزاد ٿيل شيخ مجيب جي اڳيان پويان هلندو رهيو تہ ڪيس (مجيب کي) جنرلن جي لائين تي لڳائي جنرلن ڪان شاباس وٺي سگهي. تانجو يحيٰ جي مارشل لا لڳي، فوج جي ان ڪاميابي ۾ شاهہ صاحب جي ڳجهہ ڳوهہ ۽ ٻهروپ واري ڊڪ ڊوڙ جو ڪيترو حصو هو سو چوڻ ڏکيو آهي. بهرحال اهو قبلي صاحب جي سرپرستن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هو ۽ هنن

طرفان قبلي سائين جون خدمتون بدستور حاصل ڪيون ويندي‌ون رهيون. قبلي سائين جي سمورين سازشي ڪوششن جي باوجود ون يونٽ جي خلاف جدوجهد ختم نہ ٿي. سنڌي اديب، شاگرد، هاري، مزدور، سنڌي عوامي تحريڪ سان لاڳاپيل اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ۽ ٻين مختلف ماڻهن جي اڳواڻي هيٺ آمريت خلاف ٻاهه ٻاريو بيٺا هئا. قبلي سائين جو ساٿ هن سموري دور ۾ فقط رڪارڊ جي پورائي لاءِ اخباري بيانن تائين رهيو. سي بہ ڪڏهن ڪڏهن چنڊاٽي جماٽي نڪرندا هيا. انهن مان گهڻا علي الاعلان آمريت جي فائدي ۾ هوندا هيا ۽ جيئن پوءِ تيئن اهي وڌي صاف ۽ واضح آمريت پرست روپ اختيار ڪرڻ لڳا. 1967ع ۾ جيڪو چوٿين مارچ جو مشهور واقعو ٿيو انجي تائيد ۽ همدردي ۾ ٿيل سياسي جدوجهد کان شاهه صاحب مڪمل طور لاتعلق رهيو ۽ تاريخ ۾ سندس نالو ان جي حمايت جي ڪوڙي دعوىٰ ڪندڙن جي لسٽ ۾ بہ شامل نہ آهي.

چوٿين مارچ جي ٻيءَ ورسي تي سنڌي شاگردن، هارين، مزدورن، قومي ڪارڪنن بہ لک ماڻهون گڏ ڪري حيدرآباد ۾ شاندار جلوس ڪڍيو. قيادت ڪنهن کان ڪرائجي؟ فيصلو ٿيو تہ هر ڳالهه جي باوجود قبلي جي وڏي عمر جي مدنظر اهو اعزاز کيس ڏنو وڃي. شاهه صاحب اچڻ جو وعدو ڪري عين ٽائيم تي چوائي موڪليو تہ آئون نٿو اچي سگهان ڇو تہ مونکي محمود الحق عثماني ڪنهن اوچتي ضروري ڪم سان زوري ڪراچي ڪٺي پيو وڃي. جلوس جي قيادت پوءِ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، رسول بخش پليجي، حفيظ قريشي ۽ ٻين شاگرد، هاري ۽ مزدور اڳواڻن ڪئي. قبلو محترم پوءِ لاهي پائي سنڌي ماڻهن جي اتحاد ۽ جدوجهد کي ختم ڪرڻ جي ائين ڪڍ پيو، جيئن پوءِ ”سنڌي عوام جي قومي اتحاد“ جهڙي شاندار اتحاد کي سازش ڪري ختم ڪرايائين. ساڳي طرح سنڌ متحده محاذ نالي اتحاد ۾ هٿرادا ماڻهو پرتي ڪرائي اهو اتحاد عملي طرح ختم ڪري ڇڏايائين ۽ سنئون سڌو وڃي جنرل يحىٰ جي طرف ٿي بيٺو جيڪو ان وقت مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هو. ان دور جون اخبارون پڙهي ڏسبيون تہ ان دور ۾ سنڌي ماڻهن جيڪي شاندار ۽ سوڀاريون جدوجهدون پئي هلايون جهڙوڪ ”ظلم بند ڪريو تحريڪ، نيلام بند ڪريو تحريڪ“، ”ووٽن جون لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ“ وغيره وغيره جن جي اڳواڻي رسول بخش پليجو ۽ ٻيا محب وطن ۽ هڏ ڏوکي ماڻهو ڪري رهيا هئا. تن جي حمايت ڪرڻ قبلي سائين ورلي ڪو مناسب ۽ ضروري سمجهيو. اٽلو هن صاحب اهو مناسب سمجهيو تہ سنڌ جي قومي تحريڪن

جهڙوڪ ”لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ“ کي ناڪام بنايو ويو. هن صاحب پنهنجي بيانن وسيلي سنڌي ماڻهن کان گهر ڪئي ته هو يحيٰ آمريت خلاف اهي تحريڪون نه هلائين.

پٺتي دور ۾ جيڪا انڌي منڍي جمهوريت هئي ان کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌي ماڻهن کيس ووٽ ڪونه ڏنا تن کان انتقام وٺڻ لاءِ شاهه صاحب ”سنڌوديش“ جو فتنو کڙو ڪيو ۽ ان وسيلي اهو تاريخي عمل شروع ڪيائين جنهن سنڌي ماڻهن کي پيڙي نپوڙي بي حال ۽ بي واهو بنائي اڄ هن حال تي رسايو آهي. اهڙو عياري ۽ مڪاري وارو قوم جو قاتل فتنو ڪنهن عام قسم جي تخريبي ذهن ۾ مشڪل سان اچي سگهي ها. فوج رت چکي چڪي هئي اها اقتدار کان هڪ پل به محروم رهڻ لاءِ تيار نه هئي. هنن اهي گهاٽ پئي گهڙيا ته ڪنهن به طرح اهڙو ماحول پئدا ڪيو وڃي جو جمهوريت کي ڪنهن نه ڪنهن نموني وڳوڙن جو شڪار ڪري ختم ڪرائجي ۽ وري به فوجي حڪومت بحال ڪجي ان ڪري جنرلن جي ضرورت هئي ته پنهنجي ڪنهن ماڻهون هٿان ڪو اهڙو فتنو کڙو ڪيو وڃي.

۽ ڪو اهڙو نعرو بلند ڪيو وڃي جو انجي آڙ ۾ هٿرادو وڳوڙ ڦهلارائي دنيا کي ڏيکارجي ته سنڌ ۾ بغاوت آهي، پاڪستان کي خطرو آهي ۽ ڪابه جمهوري حڪومت ان خطري کي منهن ڏيئي نٿي سگهي. ملڪ بچائڻو آهي ته وري به فوجي راڄ قائم ڪجي. ٻئي طرف قبلو اهڙي جمهوري سياست مان بيزار هو جنهن ۾ پاڻ ميمبر به نه ٿي ٿِي سگهيو. هن کي چور دروازي جي سياست جي ضرورت هئي. جنهن ۾ ووٽن جي جهنجهٽ ۾ پوڻ بنا ڳچھ ڳوهه ۽ ماٺ مٺي ۾ اقتدار جي ڪنهن ڳپل حصي تي جهٽ هڻي جنرلن سان حصا پتيون ڪري موجون به ماڻي سگهجن ۽ مفت ۾ هيرو، امام اعظم ۽ رهبر قوم جا لقب به حاصل ڪري سگهجن. نتيجو اهو نڪتو ته شاهه صاحب سنڌ ۾ پٺتي جي پنيان سنڌوديش جي ڦشري ٻاري پٺتي جي حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ پي ـ اين ـ اي جي تحريڪ ۾ شد مد ۽ تاج تجمل سان غيرمشروط شرڪت ڪري سنڌي ماڻهو مارايا ۽ پٺتي کي ڦاسي ڏيارڻ جي تحريڪ ۾ زور شور سان ڪم ڪرڻ لڳو. ڪيس وڏي ۾ وڏي ڳٽتي رکو اها هئي ته پٺتو متان جيئرو نه بچي وڃي. جنرلن کي چيائين ته جيڪڏهن پٺتي کي ڦاسي نه ڏني وئي ته پٺتو ڪنهن کي ڪونه ڇڏيندو. ان دور ۾ سنڌي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن پٺتي جي جان بچائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي ۽

رسول بخش پليجو بلوچستان ۾ بلوچن سان مليو ۽ بلوچ اڳواڻن پاران ڪيس خاطري ڏني ويئي ته تيل هر ظلم ۽ ناحق جي باوجود هو پٽي ڪي مارائڻ جي سازش ۾ شريڪ ڪونه ٿيندا. جڏهن رسول بخش پليجو ڪوئٽه مان واپس اچي سن ۾ شاهه صاحب سان ملڻ ويو ۽ ان قومي ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪيس چيائينس، تڏهن قبلو پڙ ڪدي بيهي رهيو ۽ صاف اعلان ڪيائين ته پٽي ڪي ڦاسي ضرور ملڻ گهرجي ۽ هر حالت ۾ ملندي. ٿيو به ائين. قبلو سائين پٽي ڪي مارائڻ ۽ فوجي راڄ برپا ۽ قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيو. سنڌي قوم لاءِ هڪ وڏو عذاب شروع ٿي ويو. قبلو سائين پٽي ۽ سنڌي قوم جي ان ذلت ۽ عذاب تي خوب کلندو، خوش ٿيندو ۽ عيش ننوليون ڪندو رهيو. پٽي کي مارائي به هن صاحب بس نه ڪئي ۽ اعلان ڪيائين ته مون خواب ڏٺو آهي ته ٻئي جهان ۾ به پٽي تي ڪيس ٿو هلي ۽ جيسين پٽي جي زال ۽ پٽ ڏيئون شاهه صاحب جي پيرن تي ڪري سنڌس سام نه وٺنديون تيسين پٽي تان ٻئي جهان ۾ عذاب ڪونه ويندا. اهي خواب قبلي رڳو زباني ڪونه ٻڌايا پر لکي ورهايا به. ان وچ ۾ هو صاحب رات ڏينهن پٽي صاحب ۽ سنڌس خاندان، پوئلڳن ۽ سنڌي قوم تي گارين جي ناڙي ٻڌيو بيٺو هو. اهو سڀ ڪجهه قبلي سائين جي نظربنديءَ دوران پئي ٿيو. سنڌس انداز ڪجهه هن طرح هو ته ”ڏسو! آئون ۽ جنرل ضياءُ ڪٽي وياسون پٽا تون!، توهان پٽي جا پوئلڳ! ۽ توهان سنڌي قوم جا ماڻهو! توهان سڀ هارائي ويا! هاڻي لوڙيو پنهنجو ڪيتو! آءٌ اجهو اهو آهيانءَ.“

مارشلا سدائين قائم رهي ۽ جمهوري دور ڪڏهن به نه اچي ان لاءِ جنرلن جي سازشي سياست جي ماهرن هڪڙي نئين سياسي حڪمت عملي ايجاد ڪئي، جنهن جا ٻه حصا هئا. آسماني نعرو ۽ لساني فساد. آسماني نعرو انهيءَ لاءِ ته ماڻهو پاڻ ۾ گڏ نه ٿي سگهن، آمريت خلاف گڏجي ويڙهه نه ڪري سگهن ۽ جمهوري قوتون گڏجي سڏجي اهڙيون طاقتور نه ٿي سگهن جو آمريت جو ڪڏهن به تختو اونڌو ڪري سگهن. ٻيو حصو هو ته ماڻهن جي وچ ۾ دشمني پيدا ڪجي ڪين هڪٻئي هٿان مارائجي کهائجي، تباهه ۽ برباد ڪرائجي ته جيئن هر ڪنهن کي پنهنجي سر جي لڳي، هو جمهوري ۽ انساني حقن جي لڙائي کي فضول ۽ عياشيءَ جي ڳالهه سمجهي انهن تان هٿ ڪٽي وجن ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ فوج جي پناهه جا ڳولائو ٿين. ان ڪم لاءِ ملڪي سطح تي جماعت اسلامي اڳيئي سرگرم هئي، هاڻ سنڌين مان قبلو تيار ٿيو. پناهگيرن مان نواب مظفر ۽ ٻين مان ٻيا ٻيا. جماعت اسلامي

پنجاب، سنڌ جي تخت گاهه ڪراچي ۽ سرحد ۾ دهشت گردي تيز ڪئي. اندرون سنڌ ۾ وري قبلي سائين پنهنجي رهزنن کي بڇ ڪئي. ڪم سنڌي ڪهڻ ۽ ڪهائڻ، نالو جيئي سنڌ تحريڪ. سنڌ جي جمهوريت پسند عوام ۽ خاص ڪري شاگردن خلاف ٻاڪر ڪٿو پئجي ويو. ڪتابن بدران ڪلاشنڪوف اچي ويا. تعليمي ادارا ادب، فضيلت، حيا، سياسي اخلاق، بيداري، جرئت منديءَ ۽ انساني جمهوري حقن جي سرچشمن مان ڦري بدتميزي، بي حيائي، بداخلاقي، غنده گردي، رهزني، غارتگري ۽ اذيت رسانيءَ جا اڏا بڻايا ويا. سنڌ مان تعليم جو نالو نشان مٽايو ويو. استادن کي ذليل و خوار ڪيو ويو، آمريت جي ايجنٽ صحافين، اخبارن هٿان لوفرن، غنڊن، بدمعاشن، ڦورن، لٽيرن، داداگيرن، پيداگيرن ۽ سنڌي قوم جي قاتل لوڌ کي سنڌي قوم جو سورمو ۽ سوڍو جوان ڪري پيش ڪيو. سنڌي قوم کي هڪڙي ڏک سان تعليمي ميدان ۾ سو سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو ويو. قبلي سائين جي مهرباني سان تعليمي ادارا جيڪي سنڌي قوم جي ادب، علم ۽ عرفان جا مرڪز هئا، تن ۾ شاهه لطيف جو ڏينهن به فقط غنده ۽ بدمعاش ۽ سندن ساراهه جا ڍڪ پريندڙ نيم ملان مداري ملهائي سگهيا پئي. ٻين سمورن سنڌي محب وطنن لطيف جي چاهڻ، پارکن ۽ شارحن تي بندش هئي. لطيف جي قوم جو ڪوس ڪرائيندڙن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه لطيف کي خراج تحسين پيش ڪري نه ٿي سگهيو. جمهوريت ۽ انساني حقن لاءِ وڙهندڙ سنڌي ماڻهن جون زندگيون زهر بڻايون ويون. جيڪو جيترو سنڌي ماڻهن لاءِ وڙهيو پئي انجي اوترو ڪردارڪشي ڪئي ويئي.

رسول بخش پليجو جيئن ته جمهوري جدوجهد جي مهڙ ۾ هو انکي پنجابي فوج جي حقيقي ايجنٽن هٿان پنجاب جو ايجنٽ سڏي سندس ڪردارڪشي ڪئي وئي. اهڙي ريت قبلي سنڌ ۾ ضياء جي آمريت پاران سنڌي ماڻهن کي ڦري لٽي، هيسائي ۽ بليڪ ميل ڪري ماري ڪٽي ضياء جي پيرن ۾ ڪيرائڻ لاءِ ڪوبه سَنڌو سيڙهو ڪونه ڇڏيو. ضياء جي مخالفن کي ماءُ پيڻ تي گاريون ڏنيون ويون ۽ ضياء کي شريف النفس سڏيو ويو. 1983ع جي جدوجهد ۾ سنڌي ماڻهو آمريت جي خلاف ميدان ۾ لهي آيا. دنيا هڪ دفعو وري ڏٺو ته ڪئين نه جڏهن هڪڙي هٿين خالي قوم گهري نفرت ۽ عظيم پيار جي قوت تي ڪڏندي ڪاهيندي ميدان جنگ ۾ اچي ٿي تڏهن ان جون ڏبيل قوتون سورهيائيءَ ۽ دليريءَ جا ڪهڙا ڪهڙا نه معجزا ڏيکاري سگهن ٿيون.

ڪبوتر چڙ عقابن تي چڙهي ويا
هي بي وس بادشاهن تي چڙهي ويا (احسن الهاشمي)

اسٽالن گراڊ، لينن گراڊ، الجزائر، ويٽنام، چين، ڪوريا، فلسطين جا ماڻهو ڪيئن هاٿين جيڏين قوتن کي لرزش ۾ وجهي ويا. سا ڳالهه 83 جي جدوجهد ۾ سنڌي ماڻهن جي سرفروشي، همت ۽ جولان ۽ تخليقي صلاحيتن ڪي ڏسي هر ڪنهن ماڻهوءَ جي سمجھ ۾ اچي وئي.

ڪره هئي ڪانه، هو نظارو نينهن جو (شاهه)

قبلي سائين پنهنجي قوم جي ڦنڊار مڙسن، عورتن ۽ ٻارن جي هنن تاريخي ۽ تاريخ ساز ڪارنامن تي سرهو ۽ سرشار ٿيڻ بجاءِ ان تي فخر ۽ ناز ڪرڻ بجاءِ انهن کي ڪچيون گاريون ڏنيون. صاحب موصوف ڪين ڪفن چور سڏيو، متانئن ٺٺوليون ڪيون، سندن قاتلن، رهزنن ۽ اذيت ڏيندڙن کي شريف النفس جا لقب ڏيئي پڏائي پڏائي آسمان تي رسائي چڙيو. قبلي سائين تي سنڌي ماڻهن کي ملندڙ اذيت ۽ سندن قابل صد فخر ۽ سرفروش جدوجهد جو پائيءَ جيترو به اثر ڪونه ٿيو. سندس ذهنيت ۾ ڪوبه فرق ڪونه آيو. چنيسر وانگر سندس رت دانگيءَ تي ڪونه وريو. موڪي بن وسايي وانگر پنهنجي ماڻهن کي دشمن هٿان مارجندو ڏسي خوش ٿيندو رهيو. پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به هو ماڻهن جي پاسي نه رهيو آهي، سڄي عمر هو سندن مارائيندڙ ئي رهيو آهي.

ڏريان ئي ڏار، جي وڍي وڻ جدا ڪيا،
تن سڪن ڪهڙي سار، ته ڪي اٿا مينهن ملير تي. (شاهه)

چون ٿا ته هٽلر لکين ماڻهو مارائڻ کانپوءِ اک نه چنبيندو هو. ان مهربان جيان شاهه صاحب جا اعصاب به مضبوط آهن ۽ غريب ماڻهن جي خاص ڪري غريب سنڌي ماڻهن جي ڏک درد جي احساس کان بالاتر آهن.
فوج هٿان مارجڻ کانپوءِ به جڏهن سنڌي ماڻهو نه "سڌريا" ۽ شاهه صاحب جي سام نه ورتائون تڏهن شاهه صاحب سندن تباهيءَ واسطي هڪڙو ٻيو منصوبو تيار ڪيو. سنڌي ماڻهن جي خلاف فوج جو محاذ ۽ شاهه صاحب جي قاتل غنڊن جو محاذ اڳيئي قائم هئا، هاڻي ٽيون سنڌ دشمن محاذ کوليو ويو. ڳچھ ڳوٺ ۾ نمڪ حرام

سنڌي دشمن فاشسٽ دهشت گردن جي تربيت شروع ڪيائين. سندس ضياء شاهي آمريت جي پاليل سورمن ڪين ڪلهن تي ڪٽي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سرگس ڪري گهمايو. جڙتو جوڏن نمڪ حرام فاشسٽ دهشت گردن جون ڪيپن مٿان ڪيپون تيار ڪيون. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي ماڻهن جون زندگيون حرام ڪندڙ ماڻهو، سنڌي نياڻين کي چوٽين کان جهلي رستن تي بي عزتو ڪندڙ ماڻهو، چوويهن ڪلاڪن اندر ٽي ٽي سئو سنڌين کي گولين جو نشانو بنائيندڙ ماڻهو، سنڌين جا ڪپڙا لاهي اگهاڙو ڪري ڪين ٻيرا ٻيرا ڪري ڳوٺين ۾ سبندڙ ماڻهو، سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ ۽ سنڌي قوم کي غلام بنائڻ لاءِ تاتارين واريون ڪاهون ڪندڙ ماڻهو. نازي صفت، گيسٽاپو درندا ۽ حيوان صفت ماڻهو قبلي سائين جي قربائتي هنج ۾ پالي وڏا ڪري سنڌي ماڻهن مٿان ڪڙڪايا ويا. ڪين سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ گس گس جو واقف ڪيو ويو ۽ قبلي جي سورمن طرفان ڪين دهشت گرديءَ جي مڪمل تربيت ڏني وئي ته جن سنڌي ماڻهن کي ضياء جي روايتي فوج ڪچلي نه سگهي تن کان گڏجي ناهي حساب ڪتاب ورتو وڃي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي خلاف ڪيل تاريخي ۽ ناقابل تلافي ۽ نا قابل معافي جرمن ۾ هڪڙي ٻئي ڀيانڪ قاتلانه عمل جي واڌاري جي شروعات ڪئي وئي. فوج کي سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ وڏيڪ چانوٽيون اڏڻ جو بهانو ڏيڻ لاءِ ”توڙينداسون پاڪستان توڙينداسون!“ جي AGENT PROVOCARE وارا نعرا بلند ڪرڻ سان گڏ اعلان ڪيو ويو ته ”اسين هندوستان مان فوجون ونيو تا اچون ۽ پاڪستان کي ختم تا ڪريون!“

قبلي سائين جي ساري زندگيءَ جي سوچ ۽ عمل جو نچوڙ آهي، ”آئون! فقط آئون! ٻيو ڪوبه نه!“ جيئن ٻلو نر ٻچا ماري ڇڏيندو آهي تيئن سنڌ ۾ جيڪو به ڪنڌ ڪڍي، قبلي سائين جون ڦهري نگاهون انجي تاڙ ۾! جيسين پورو نه ڪريس تيسين سک جو ساهه نه کڻي. اول ڪردارڪشي، ڪوڙيون گلائون، ڦشريون، ڏچرپا پوءِ موقعو ملي ته قتل ڪرائي ڇڏجي. الله بخش، پنو، پليجو، فاضل سي اک جا ڪنبا ۽ ڪک جا ڪان. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ٻين سان هڪجهڙائي جي بنياد تي گڏجي ويهڻ، اتحاد ڪرڻ جي ڳالهه جڻ گار برابر هوندي. اتحاد ۾ ڳالهه هڪجهڙائيءَ واري هوندي ته ماڻهو سوال جواب پڇندا، صلاحون ڏيندا وٺندا، سمجهاڻيون گهرندا، فيصلا گڏيل صلاح سان ڪرڻ تي زور ڏيندا. جن ماڻهن جا ٻول ٻين سان ٻڌيل هجن، جن جا پن وڪيل هجن، جن مٿان هدايتون نازل ٿينديون

هجن، جن کي پنهنجي لکل ۽ ڳجهن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ فتني ۽ سازش جي پراسرار پيچرن تان هلڻو هجي سي جمهوري هڪجهڙائيءَ واري اتحاد جي سياست ۾ ڪهڙو ڏک جهلي سگهندا. هنن کي تہ کپي هک هٽي، من ماني، اکيون پوري حڪم جي تعميل ڪرائڻ، چوويهہ ڪلاڪ ڦرندڙ گهرندڙ ڳالهيون، ڪيئي روپ بهروپ، ناٽڪ، سانگ ۽ فتنا. سي اهڙي سياست کي ڇا ڪندا؟ صاف جمهوري سياست ۾ سندن ساهہ نہ منجهندو؟ ان ڪري قبلو هميشہ هڪجهڙائيءَ واري جمهوري اتحاد کان انڪار ڪندو رهيو آهي، چي، ”آئون اڪيلو سنڌ جو هڏ ڏوکي آهيان، سڄي زندگي ۾ جيڪا بہ ڪرت ڪئي اٿم سا سنڌ لاءِ. منهنجون فلاڻيون فلاڻيون قربانيون، منهنجا فلاڻا فلاڻا قوم تي احسان ۽ قرض، سڄي قوم جو وار وار منهنجن احسانن جي قرض ۾ ورتو پيو آهي، مان سنڌ جو رهبر آهيان. امام اعظم، ميسح جيڪي فرمايان سو بڌو ۽ فرمانبرداريءَ وچان ڪنڌ جهڪايو ۽ صدق! صدق! چئو، قربان قربان ٿيو! اوهان جي ٻيڙي ٻوڙيان تہ سمجهو ۽ چئو تہ تاريان پيو! تباهي ڪريان تہ شڪر ڪريو! منهنجي ظاهر تي نہ هلو باطن کي وٺو! منهنجي هر شيءِ ۾ رمز آهي، اسرار آهي، ڪرامت آهي، اعتبار ۾ نہ اچي تہ منهنجي اڌ پڙهيل نيم ملن کان پڇو، منهنجي قلمي لنبازن ۽ پيشہ ور ڦشريبازن کان پڇو. اسٽيجن تي منهنجون ڪرامتون بيان ڪندڙن کان پڇو، منهنجن لکيل ڪتابن ۾ منهنجا ڪارناما پڙهو. مون وٽ ٻين جي ڳالهہ نہ ڪريو، ٻيا سڀ غدار آهن. مون سان اتحاد جي ڳالهہ ئي نہ ڪريو“. اهي ٻوليون ٻولي قبلو سائين چپ ٿيو سنڌي ماڻهن جي ٻڌي ۽ اڳتي وڌڻ جون راهون بند ڪريو وينو هو. تان جو 1987ع ۾ شهيد عوام فاضل راهو جي چاليهي تي رسول بخش پليجي جي ڏنل سڏ جي موٽ ۾ ”سنڌي عوام جو قومي اتحاد“ نهيو جنهن جي اڳواٽي عوامي نيشنل پارٽي ۽ انجو اڳواڻ رسول بخش پليجو ۽ ٻيا سنڌي گهٽگهرا ڪري رهيا هئا. ڪالاباغ ڊئم، فوجي ڇانوڻين، سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش خلاف ٻاهہ ٻري وئي. سنڌي قوم جڻ چرک پري جاڳي پئي. رسول بخش پليجي صاحب جي اڳواٽيءَ هيٺ سنڌي عوام جي قومي اتحاد جڻ پنيور کي باهہ ڏئي ڇڏي.

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾ (شاهہ)

ٽر ٻر واسجي ويا، جهنگلن ۾ منگل لڳي ويا. ماڻهن جا وهم ۽ وسوسا پري ٿيڻ لڳا، سنڌي مرد، ٻڍا، ٻار، عورتون، وستين ۽ واهڻن مان نڪري، گڏ ٿي، جلوس ناهي پنهنجي وڄايل شهرن ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. جتي اڳ سنڌي ڏاريا ڏاريا، اوپرا اوپرا لڳندا هئا، اتي لکين سنڌي ڪنهن اڻ ڄاتل نشي ۾ مست ٿي نچندا، جهومندا، ڳائيندا جلسا جلوس ڪرڻ لڳا. ضياءَ شاهيءَ جي پنجابي فوج، قبلي سائين جي دهشت گرد پوليس، رينجرس، پنجابي پناهگيرن جي آزاريل، ماريل ۽ لتاڙيل سنڌي قوم پنهنجا هيٺ جهڪيل ڪنڌ وري مٿي ڪيا. هنن هڪ ڀيرو وري ٻـ ظلم ۽ جبر جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريو تـ بزدل ظلم جون اکيون جهڪي ويون، سنڌي عوام جي قومي اتحاد رسول بخش پليجي صاحب ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي دلين تان دونهين جا ڪڪر لاهي ڇڏيا:

ٻُـرو هـو ٻنـيور، آرياڻـيءَ اُجـاريـو،
لاٿـو سڀ لوڪ تـان، هاڙهي ڏٽيءَ هور،
چوريون چرڻ سگهيون، ٻنهون ڪيائون ٻور،
آيـو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک ويهاريـون. (شاهه)

سنڌي اخبارن تـوڙي اردو اخبـارن نـوٽيس ورتـو. وطـن سـان وفـادار سـنڌي صحافت خوشيءَ جون جهمريون هنيون. نمڪ حرام صحافت چيـو تـ سنڌين جي جلوس ڪري ڪراچيءَ ۾ رهندڙ، دهشت گرد لڏو پاڻکي ڪراچي ۾ اجنبي اجنبي محسوس ڪرڻ لڳو. اقتدار جي رنگ محلن ۾ پنگ پئجي ويا، حويلين ۽ ٺاٺن ۾ ٽرٽلو مچي ويو. سنڌين جي ان تاريخي ۽ سوڀاري اتحاد خلاف نيون سازشون ۽ نوان فتنا ڪر موڙي جاڳي پيا. چي ”سنڌي عوام جي قومي اتحاد کي وڏيڪ وقت هلڻ ڏنو ويو تـ الائي ڪٿي ٽـوڙ ڪري! تـوڙ ڪري بـ الائي نـ!“. ”پوءِ سنڌ دشمن سياست ۽ سياستبازن جو، ضياء پرست سنڌي سورمن جو، سندن پوئلڳن جي وطن فروش سياسي ڌنڌي ۽ ڪاروبار جو ڇا ٿيندو؟“ ”روڪـو! مارو! جاني نـ دينا!“ جا واڪا ۽ ٽيليفونن جا ڪڙڪاٽ ٿي ويا. اڄڪلهه ڪيترا سنڌي ماڻهو چون ٿا تـ ايم ڪيـو ايم ڪيتري نـ ٿوري وقت ۾ ڪٿان ڪان ڪٿان پهچي وئي آهي. هنن ۾ صلاحيت آهي پاڻ ۾ ڪانهي. ائين آهي بـ پر رڳو ائين ناهي. هنن کي آمريڪا، فوج ۽ قبلي سائين جهڙن قومي رهبرن جون مددون حاصل آهن، سي آءِ اي ۽ ٻين انٽيليجنس ايجنسين جون هدايتون ۽ مال خزانو هڪيا ٺڪيا موجود، هزارين سالن

جا تجربا، تيرهن تالي ڏوتيءَ وارا ترڪتال ڦند ۽ فريب جاٽنڊڙ پريس قبضي ۾، هندوستان، انگلينڊ ۽ ٻي سڄي دنيا ۾ يارانه ۽ ٻيون لکين ڳالهيون فائدي ۾ آهن. سنڌين جي ڪنڌ تي قبلي سائين جهڙا سڳورا سوار، ڳچين ۾ وڏيرڪي سماج جا ڪئين جنڊ پيل ۽ ٻيون الائي ڪيتريون بلائون بغلن ۾چهٽيل، ٻي پهچيون، ناتجربيڪاريون، ننڊٽڪايون، اپوجهايون، پسماندگيون الڳ، پر انهن سڀني ڳالهين جي هوندي به هن ويئيءَ وهاٽيءَ مهل به ٻيو نهيو رڳو رسول بخش پليجي طرفان قائم ڪيل "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" کي ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ها ۽ انجي اڳتي وڌندڙ سويارن قافلن کي مڪر ۽ فريب سان ڏتاري ۽ راهه ۾ راتاها هڻي چڙوچڙ نه ڪيو وڃي ها، دهشت گردن ۽ سندن سياست کي ميدان خالي ڪري نه ڏنو وڃي ها ۽ سنڌي قوم کي انتشار ۽ ڏڦيڙ ۾ نه وڌو وڃي ها ته اڄ سنڌي قوم ڪيئي منزلون سر ڪري اهڙين بلندين تي پهچي چڪي هجي ها جو اڄ اسين ان جو تصور به نٿا ڪري سگهون.

ضياء شاهي، سندس ساٿي قبلي سائين، ايم ڪيو ايم ۽ ٻين پاڻ ۾ گڏجي فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن اها صورتحال رهي ته سندن جيڪا ٻيگهي متل آهي اها هرگز نه هلندي. سنڌي ماڻهو جيڪڏهن رستن تي قبلي سائين جي وڇايل ڦندن ۽ ڪوڙڪين کان پاسو ڪري، ايم ڪيو ايم جو ڊپ ڇڏي ٻنهي جو گهيرو ٽوڙي اڳتي وڌندا رهيا ته سنڌي قوم کي وڌيڪ وقت غلام رکڻ ناممڪن ٿي پوندو. جمهوريت، انساني آزادي، انساني حقن، امن ۽ ترقيءَ جا قافلا ڪنهن جي به روڪڻ جا نه ٿيندا. اها ٻاهه سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويندي. بلوچستان ۽ سرحد ۾ به ائين ٿيندو ۽ اهڙا اتحاد نهندا، چوطرف ٻاهه ٻري ويندي، ضياء جو تختو اونڌو ٿي ويندو. يارهن سالن جي ڪئي ڪمائي ڪٽ ٿي ويندي. ضياء آمريت خلاف بغاوت جو مرڪز سنڌي ماڻهو آهن، انهن جي مٿان هر وقت موچڙو ٽنگيو رکجي، قبلي جي دهشت گردن جو، ايم ڪيو ايم جو، فوج جو ڪنهن نه ڪنهن جو، موچڙن جو ڊپ لٿو ته قصو به پورو ٿي ويندو. ان وقت ڏاري محمد خان جوڻيجي جي حڪومت ضياء شاهيءَ جي اک جو ڪنڊو بڻجي پئي هئي. ان معنيٰ ۾ ان حڪومت ۾ ضياء شاهي جي خلاف ممڻ پئي متا. سنڌ ۾ غوث علي شاهه سڏو سنئون ۽ سورنهن آنا ضياءَ جو ماڻهو هو ۽ انجي چوڻ تي سڀ ڪجهه بلڪل سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هو. ضياءَ جي چوڻ تي هو علي الاعلان ايم ڪيو ايم ۽ ان جي دهشت گردن جو ٻڌو ٻانهو ٿيو ٻيٺو هو. قبلي سائين ۽ غوث علي شاهه ٻنهي گڏجي هم صلاح ٿي

ضياءَ پاران ايم ڪيو ايم کي سنڌ تي سوار ڪيو. محمد خان جوڻيجي غوث علي شاهه کي لاهرائي قاضي کي وڏو وزير ڪرايو. ڪن ڄاڻو ماڻهن جو اندازو هو ته هو قبلي سائين جي سنڌي مار سورمن ۽ سندن جوڙيوال ايم ڪيو ايم جي دهشت گردن جي غنده گردي ۽ دهشت گردي مان بيزار ٿي چڪو هو ۽ آثار اهي پئي نظر آيا ته سندس صلاح پٽاندڙ قاضيءَ جي حڪومت ايم ڪيو ايم جي غوث علي شاهه واري مجرمانه خدمت چاڪري اڳوڻي سطح تي جاري نه رکندي. سنڌي ماڻهن جي حقن جي ويڙهه جي باري ۾ به ان جي پاليسي ڪجهه ماڻهپي واري نظر اچڻ لڳي. اها قبلي سائين ۽ ضياء شاهي جي سنڌي دشمن سازش تي حرف به حرف عمل جاري رکڻ کان نٽائي رهي هئي. ضياء کي جوڻيجي تي ٻين ڳالهين سان گڏ ان ڳالهه جي ڪري به باهه هئي ته جوڻيجو حڪومت سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم، فوجي ڇانوڻين ۽ اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي خلاف سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي زبردست جدوجهد کي ڪچلي چو نه ٿي.

تنهنڪري پنج فيصلا ڪيا ويا. هڪڙو ته محمد خان جوڻيجي جي نافرمان حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو وڃي. ٻيو ته ڪنهن فريب ۽ مڪر سان محمد خان کي ڪيرائڻ کان اڳ "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" کي ختم ڪيو وڃي. ٽيون ته سنڌ ۾ اهڙو ڄاڙتو اتحاد قائم ڪيو وڃي جنهن جا ڪجهه ماڻهو ضياءَ جي وزارت مان ڪٽي اعلان ڪيو وڃي ته ضياء سنڌي ماڻهن جو اتحادي ٿي ويو آهي ۽ هاڻ ان جي حمايت ڪرڻي آهي! چوٿون ته نئين ضياء پرست هٽرادي سنڌي اتحاد جي مدد سان آئنده ٿيڻ وارين چونڊن ۾ وري به ضياء پرست ماڻهو ڪٽائجن ته جيئن ضيا شاهي قائم رهي ۽ ملڪ ۾ ڪابه جمهوري تبديلي نه اچي. نتيجو اهو نڪتو جو قبلي سائين ۽ ٻين ضياء جي حامين هٽان وسيع تر اتحاد جو ڍونگ رچائي، سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي سوڀارن قافلن کي راهه ۾ رنڊايو ويو ۽ آخر ان کي ڪوڙڪن ۾ ڦاسائي عملي طرح ختم ڪري ڇڏيو ويو.

منصوبي جي پنجين ڪڙي هئي سنڌين کي شهرن ۾ مارائي ضياء ۽ قبلي سائين جي پيرن جي خاڪ بنايو وڃي. قبلي سائين جي سنڌي مار سورمن ۽ ايم ڪيو ايم جي دهشت گردن گڏجي نورا ڪشتي ڪري سنڌي ماڻهن لاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ آڳ جي هولي ڪيڏائي جيڪا اجان تائين ختم نه ٿي ٿئي. قصو ڪوتاهه محمد خان جوڻيجي کي لاٿو ويو. قبلي سائين ان زيادتي خلاف سنڌ ۾ ڪوبه آواز اٿارڻ نه ڏنو. ضياء شاهي جي شروعاتي دور ۾ ئي ضياء شاهي جي حامي سنڌي،

پناهگير ۽ پنجابي دهشت گردن جي پاڻ ۾ نورا ڪشتي شروع ڪرائي ويئي. ٿنهي ڏرين جي لوفرن ۽ غنڊن کي ڳولي ڳولي ڀرتي ڪري کين پنهنجي پنهنجي گروپن جا ”قومي“ سورما بنائڻ لاءِ ناٽڪ هلندڙ هو. فوجي انٽيليجنس جي سات، اڳواٽي ۽ هدايتن هيٺ يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ غنڊه گردي کي شروع ڪيو ويو ۽ اهڙي فضا تيار ڪئي ويئي جنهن ۾ ايم ڪيو ايم جي تيار ٿيندڙ غنڊن کي بهانا ملن ته هو اڳتي هلي سنڌ ۾ ڀاڪر ڪٽو مچائي سگهن. ڊرامي جو مرڪزي نقطو هو ته سنڌين کي بطور هڪ قوم جي ختم ڪرڻ ۽ غلام بنائڻ ۽ کين فوج، قبلي سائين ۽ ايم ڪيو ايم جي پيرن جي خاڪ ڪرڻ. ان ڊرامي جا قبلي سائين طرفان ڊائلاگ ڪجھ هن قسم جا هئا ”الطاف، نواب مظفر جو ڪٽيو ٿو ڪائي“، ”الطاف معتدل مزاج آهي“، ”هيستائين ته سنئين گس تي ٿو هلي اڳتي ڏٺو ويندو“، ”مهاجر سنڌين جا قدرتي ساٿي آهن“، ”پليجو پنجاب جو ايجنٽ آهي“، ”جمهوريت سنڌ لاءِ قاتل آهي“ وغيره وغيره.

سنڌي ماڻهو شهرن ۾ ٿورا آهن. سندن ساھ مٺ ۾ آهي. سنڌي ماڻهو جهيڙي مان اڳيئي ڪونه چاڻن. خاص ڪري شهرن ۾ جهيڙي جي ڪم جا نه آهن. سيني جا هڪ ٻئي سان رابطا ڪٽيل، ذاتين پاتين ۾ ورهايل، سيدن، پيرن، ميرن، وڏيرن ۽ رئيسن جا ماريل. ٻهراڙين ۾ اجان جيئن تيئن شهرن ۾ شهري ويڙھ ۾ نا تجربيڪار. سنڌي جڻ ڪوئو ڪوئا مار ۾ ڦاسي ويو، شهرن ۾ سنڌين کي شڪار ڪرڻ ڳيري جي شڪار کان به آسان، خاص ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچي شهرن ۾. جيئن پناهگير پنجابي ڦورو طبقا هر ڪم اسلام، پاڪستان ۽ پاڪستاني قوم جي نالي ۾ ڪندا آهن تيئن قبلو سائين سنڌ کي هر ڪاپاري ڌڪ سنڌي قوم جي ڀلائي جي نالي ۾ هڻندو آهي. هر قومي سوديبازي جي سازش جي شروعات سنڌي قوم جي ڪنڌي تي ٿيندي آهي ۽ اڪثر هن قسم جي لفظن سان شروعات ڪئي ويندي آهي. ”سنڌي قوم جي خاطر ٻهارين کي ته ڇا يهودين کي به قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون“ ”سنڌي قوم خاطر مهاجرن کي اڳواٽي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون“. سو حيدرآباد جي سنڌين کي مارائڻ لاءِ ۽ دشمنن کي پنهنجي پسند جو جنگي ميدان ۽ بهانو مهيا ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم پاران ڄامشوري ۾ پناهگيرن کي ٺڦا ٺڦي ٿيندي رهي. پوءِ ميئر جي تيار ٿي ويهاريل قاتلن جي سامهون سنڌي شاگردن جي بسن کي بوهي ۾ ڏياريو ويو ۽ جهيڙو شروع ڪرايو ويو. جهيڙو نري نه ٿنهن جي لاءِ سنڌ جي ٻهراڙين کي چئجي ته ”هي ڪوس دهشت گرد نه پر پليجو ٿو ڪرائي“ ”پليجو

ماڻهو مارائيندو". سازش اها هئي تہ سنڌي مرن ۽ انهن مرڻ وارن کي بچائڻ جي بهاني ايم ڪيو ايم سان ناهہ جو ناٽڪ رچائجي، پوءِ ناهہ جي آڙ ۾ نالي ۾ سنڌين کان قبلي سائين جي امامت ۽ رهبري قبول ڪرائجي ۽ ڪيس سنڌ جو اڪيلو وارث تسليم ڪرائجي تہ جيئن وٽيس تيئن سنڌي ماڻهن جا لاهہ پئجي. سنڌن سودا ڪري ۽ منجهائن پراٽا وير پاري. هر ڪنهن کي خبر آهي تہ جي سنڌي ڀهراڙيون اٿي پيون ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچي جي سنڌين جي حمايت ۾ آواز بلند ڪنديون تہ پوءِ دهشت گرد سنڌين کي مارڻ ۾ ايترو ڪامياب نہ ٿيندا ۽ جهيڙو نري ويندو، پوءِ دهشت گردن سان ناهہ جي ڊرامي جو جواز نہ رهندو ۽ ڳالهہ مزو ڪانہ ڪندي، تنهن ڪري ڀهراڙين کي قبلي سائين جي ماڻهن پاران جلسن ۾ ۽ اخبارن ذريعي حڪم ٿيو تہ "پچي پري ٿيو! پنجاب کي گاريون ڏيو ايم ڪيو ايم جي غنڊن جو نالو متان وٺو!" نمڪ حرام سنڌي دشمن اردو پريس توڙي سنڌي پريس ۾ ويٺل قبلي سائين جا مريد هڪڙي ئي سر ۾ ساڳيو راڳ آلاپڻ لڳا. چي "سنڌيو! ماٺ ڪريو ايم ڪيو ايم جو ڪو ڏوهہ ڪونهي، سڀ پنجابي ۽ پليجو پيا ڪرائين." ٻين لفظن ۾ اصول اهو طئي ٿيو تہ سنڌين جي خلاف ڪربلا تي جيڪو آواز اٿاريندو اهو چڻ ماڻهو مارائيندو، ڊرامو اڃان جاري آهي. تازو حيدرآباد ۾ نش! نش! ڪرائي ڪراچي ۾ رات وچ ۾ ٽي سئو سنڌي قتل ڪرايا ويا. تازو ڄامشوري ۾ جڙتو سورمن هٿان پناهگير چورن کي ٻہ چماٽون هٽائي حيدرآباد جي سنڌين ۾ نئين ڪربلا پئدا ڪرڻ لاءِ دهشت گردن کي نئين دهشت گردي شروع ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو ۽ سنڌي ماڻهن جا راڄ مارايا ويا. قبلي سائين ۽ ايم ڪيو ايم جي دهشت گردن جي نورا ڪشتي ايم ڪيو ايم کي آسمان تي چاڙهي ڇڏيو ۽ هاڻي جيڪڏهن قبلو سائين ڦري سنڌين جو سڄڻ ٿي پوي ۽ ان جهڙا سئو قبلا ٻيا ٻہ ساڻس گڏ ٿي پون تہ بہ انهن جي جنگي مشين کي روڪي نٿا سگهن. سڄي سنڌ دهشت گردن جي ڄاڙين ۾ ورتل آهي. سنڌ جي ٻين محب وطن حلقن وري قبلي سائين جي ڦاڙيل آسمان کي اڳڙي وجهڻ جون ڪوششون شروع ڪيون. قبلو سائين وري ٻہ هٿ ڏوئي انهن جي پويان پيل آهي. رسول بخش پليجي 17 مارچ 1989ع تي صلاح مصلحت ڪانفرنس گهرائي تہ قبلي سائين ان کان ٻہ ڏينهن اڳ سيني ماڻهن کي گهرائي چيو تہ خبردار! جي ڪو ان ڪانفرنس ۾ ويو آهي. 12 مئي 1989ع تي "دهشت گردي بند ڪريو ڪانفرنس" کي ناڪام بنائڻ لاءِ پاڻ پنهنجي سر تڪليف وٺي اوچتو ئي اوچتو دوري تي نڪري پيا. سو بہ ڪانفرنس

جي آس پاس! تان جو عين ڪانفرنس واري ڏينهن حيدرآباد ۾ اچي نڪاءُ ڪيائون تہ جيئن سڀ ماڻهو ڪانفرنس ڇڏي ڪهي اچي سندس قدم چهن ۽ ڪانفرنس ناڪام ٿئي. جڏهن انهن مهربانين ۽ ڪشالن جي باوجود بہ سنڌي ماڻهن توڙي ٻين دهشت گرديءَ جي ساڙيل ماڻهن گڏجي ڪانفرنس کي شاندار نموني ڪامياب ڪيو تہ قبلي سائين هڪدم انهن ماڻهن جو ٽولو ڪانفرنس خلاف ڦشري ٻارڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ ڊوڙايو، جن جي غنده گردي ۽ دهشت گرديءَ سنڌي ماڻهن جو يارهن سال جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو ۽ اجا بہ مارشل لا جي ڏينهن ۾ ڪيل موجن لاءِ سندن وات پاڻي پاڻي پيو ٿئي. منجهائن هڪ سنڌي مار سورمي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پهچي اعلان ڪيو تہ ”سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اڳوڻيون رونقون واپس آنديون ويندیون“.

انهن مان ڪي اهي هئا جي ڪلاشنڪوف ڪٽي زوريءَ شاگرد بسن ۾ چاڙهي لاڙڪاڻي ۾ لطيف جي جلسي کي فائرنگ سان درهم برهم ڪرڻ ٿي ويا ۽ ٻين بيگناهن کي مارائي پاڻ آرام سان پنهنجي ساٿين جي قاتلن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري پنهنجون جانيون بچائي سورما بنجي هاڻي انڌي منڍي جمهوري حڪومت قائم ٿيڻ جو فائدو وٺي منٿون ايلاز ڪري ٻاهر نڪري وري شير ٿيو سنڌ ۾ ساڳي پراڻي ضياء پرست ڦشري مچائڻ لاءِ ڪاهي پيا آهن. هن قسم جون تقريرون پيا ڪن. ”هاڻي جنرل اسلم اقتدار وٺڻ قبوليو آهي سيني کي گولين مان ڪيندا سون“.

تازو پليجي صاحب خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب پئي ڪيو تہ ڪيس هڪڙي صحافي چيو تہ قبلي سائين جا سنڌي مار سورما چون ٿا تہ ”اعواڻ دهشت گرد آهي. ان سان گڏ جيڪي ويهندو سو بہ دهشت گرد آهي“. تہ پليجي صاحب ڪيس ان ڏينهن جي جنگ اخبار ڪٽي جهٽ ۾ ڏني ۽ هڪڙي فوٽو ڏانهن اشارو ڪندي چيائين تہ ”اهو صاحب سچ ٿو چوي! سرور اعواڻ سان گڏ جيڪو بہ ويهندو سو برابر دهشت گرد هوندو“ صحافيءَ فوٽي ڏانهن ڏٺو تہ اهو هڪ ڏينهن اڳ حميده کهڙو جي ڏنل دعوت جو هو ۽ ان ۾ سرور اعواڻ سان هڪ پوڙهو ماڻهو گڏ ويٺل هو ۽ ساڻس قرب جي ڪچهري ۾ رڌل هو. ”اهو ماڻهو خود قبلو سائين هو“!

قبلي سائين جيڪي ڪارناما ڪيا آهن ۽ جيڪي ڪارناما روز روز ڪري پيو تن جي گهراين ۾ وڃڻ لاءِ وڏي تحقيقات جي ضرورت آهي. هڪڙو اڌ نہ پر

گهڻا پي ايچ ڊي ليول جا محقق هجن جيڪي ويهي اهو کوج لڳائن تہ شاهہ گذريل سٺ ـ ستر سالن ۾ سنڌي قوم خلاف ڪهڙن رنگن روپن، ليبلن ۽ نعرن هيٺ گهاٽ گهڙي سگهاري ۽ اڳتي وڌيل قوم کي ڪيرائي هن حالت تي رسائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. في الحال جيڪي قبلي جا نيڪ ارادا آهن سي بہ ڪي گهٽ نہ آهن.

دهشت گردن خلاف جيڪي تازا سائين جا ڌماڪي خيز بيان آيا آهن ان منجهان ايئن نہ سمجهڻ کپي تہ ڪا قبلي سائين سنڌي قوم جي سودي ڪرڻ ۽ ملڪ ضياءَ جي چاڙتن دهشت گردن ۽ فوجن جي حوالي ڪرڻ ۽ ملڪ تي فسطائي راڄ مڙهڻ جي مهم ترڪ ڪئي آهي. اٽلندو اها جيڪا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.

اهڙا گرما گرم بيان ڏيڻ قبلي سائين جي پراڻي بدنام چال آهي. جنهن جو ٿيٽو هوندس يا ٿيو وينو هوندو پهرين ان جي خلاف خوفناڪ بيان ڪيندو ۽ پوءِ چوندو تہ ”سنڌ خاطر ساٽن ڳالهيون ٿو ڪيان“ پوءِ سنڌ خاطر ناهہ جو ڍونگ رچايو ويندو. پوءِ وجي ڪن سمجهو ماڻهن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ پتو پوندو تہ قبلي سائين ملڪ تين وال ڪري ڇڏيو! هينئر بہ هو ملڪ تين وال ڪريو وينو آهي. ان جو ثبوت هن جي انهيءَ تازي بيان مان ملي ٿو تہ ”سنڌ خاطر اسين مهاجرن کي پنهنجو اڳواڻ ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهيون!“

قبلي سائين جا سنڌي قوم تي احسان ڳڻڻ کان ٻاهر آهن. ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي تہ موڪو بن وسايي کان ونئي اڄ ڏينهن تائين جيڪي بہ ماڻهو سنڌين لاءِ سڀ کان وڌيڪ نقصانڪار ٿيا آهن، تن سڀني کان قبلو سائين زور آهي. هڪ راءِ اها آهي تہ انهن سڀني گڏجي جيڪي سنڌ کي نقصان پهچايا اهي سڀ هڪڙي پاسي ۽ قبلي جون مهربانيون ٻئي پاسي ڪجن تہ قبلي جو پاسو ڳرو نظر ايندو. پارڪن جو رايو آهي تہ ”سڄي دنيا ۾ بلڪ سموري تاريخ ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو اهڙو رڪارڊ نہ آهي جيڪو پنهنجي قوم کي ايترو ٿورڙو فائدو ڏيئي ان جي آڙ ۾ ڪيس ايڏو وڏو نقصان ڏي ۽ سو بہ سال بہ سال ـ هر روز ڏي، هر قسم جو ڏي ۽ ڪڏهن بہ بس نہ ڪري. جيڪو زبان سان، قلم سان، هٿن سان، پيرن سان سڄو وقت قوم لاءِ کڏون پيو کوٽي.

جيڪڏهن قبلي جي ڪيل ڪارنامن کي هن مني صديءَ جي تاريخ مان خارج ڪجي تہ پوءِ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ ايندي تہ سنڌي قوم جهڙي تاريخي ۽ سگهاري قوم ايتري عرصي اندر ايترو ذليل و خوار ڪيئن ٿي سگهي جيتري اها

اج تي چڪي آهي. مثلاً جيڪڏهن قبلو سائين هندو سيٺين جي هٽ جو باز نہ بنجي ها ۽ سنڌي وزارتن کي ايرو سيرو ڪم ڪرڻ ڏئي ها، مسجد منزل گاهہ جو فتنو ڪڙو ڪري سنڌين جا هيڏا قهري ڪوس نہ ڪرائي ها. پاڪستان جو نعراءُ پيش نہ ڪري ها، نمڪ حرامن جون لوڏون گهرائي سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ جي منصوبي جي شروعات نہ ڪري ها، اسڪندر مرزا جو ماڻهو ٿي مارشل لا هٽائڻ ناٽڪ نہ رچائي ها. ايوب سان نهي ون يونٽ جي جدوجهد کي ۽ سنڌ متحده محاذ واري اتحاد کي ڏک نہ رسائي ها، الله بخش، پٽي ۽ فاضل جهڙا مڙس نہ مارائي ها، پي اين اي جي غيرمشروط حمايت ڪري مارشل لا نہ لڳرائي ها، 1983ع جي جدوجهد کي ناڪام بنائڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ نہ ڪري ها، ايم ڪيو ايم جو عذاب ۽ فتنو ڪڙو نہ ڪرائي ها ۽ سنڌي ماڻهن ۾ ٻاڪر ڪٽا نہ وجهرائي ها، سنڌ جي تعليم جو ٻيڙو غرق نہ ڪري ها، سنڌي ماڻهن خلاف ضياءَ جي مارشل لا اندر پنهنجو ذاتي مارشل لا نہ لڳائي ها ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي جمهوري جدوجهد ڪرڻ ڏي ها، سنڌ جي محب وطن ماڻهن جي پنيان پنڊي ۽ ڦشري نہ ٻاري ها انهن کي ڪم ڪرڻ ڏئي ها، سنڌوديش جو مصنوعي وڏو نعرو هٽي هندوستان مان فوج گهرائي پاڪستان ٽوڙڻ جا زٽ هٽي دشمن کي فوجي چانوٽيون قائم ڪرڻ جو بهانو نہ ڏئي ها، سنڌ جي نوجوان نسل کي پنهنجي پوڄا جو گانجو ۽ ضياء پرستيءَ، مارشل لا پرستي، جمهوريت دشمني، اتحاد دشمني، عوام دشمني جو گانجو ۽ هيروئن پياري تباهہ ڪري مت ۽ هوش مان نہ ڪڍي ڇڏي ها ۽ سنڌي قوم کي جهالت جي آڙاهہ ۾ نہ اڇلائي ها، سنڌ ۾ غنڊه گردي، دهشت گردي، فوج گردي جي فضا گرم نہ رکي ها، روز ڪونہ ڪو نئون فتنو ڪڙو ڪريو ماڻهو منجهايو، برغلايو، هيسايو نہ وينو هجي ها ۽ مرڻ ڪنڌيءَ تي پهچڻ کان پوءِ بہ ڪٽي ماڻهن جي جند ڇڏي ها ۽ ڪين ڪم ڪرڻ ڏئي ها تہ ڇا پوءِ بہ سنڌي قوم جي اهائي حالت هجي ها جيڪا اڄ آهي؟؟

هرگز نہ ـ !

سنڌي ماڻهن کي هن وقت جيتري ٻڌيءَ جي ضرورت آهي اوتري ڪڏهن ڪانہ هئي. ان ٻڌيءَ جي راهہ ۾ ڪا وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي تہ اها آهي قبلو سائين. جيڪو سنڌي ماڻهن جي هر چڱيءَ شيءِ کي منٽ ڪرايو وني. هر اڏيل ڳالهہ کي ڊاهيو ڇڏي، هر اسرندڙ شيءِ کي چيپاٽيو ڇڏي ۽ هر وڌندڙ شيءِ کي روڪيو ڇڏي. اهو سيڪجهہ هو اهڙي معصوماڻي نموني، فرشتي واري ٻهروپ ۾

ڪري ٿو جو گهٽن ڪي تہ سماءُ ئي نہ ٿو پوي تہ قبلي ڪهڙو قهر ڪري ڇڏيو ۽ سنڌي ماڻهن جو ڪيئن ڪلندي ڪڏندي جهڳو جهڻ ڪري ڇڏيو. هي دور سياڳ نياڳ ۾ ويساهہ رکڻ جو غيرسائنسي دور ڪونهي. اڳيون دور هجي ها تہ ماڻهو پڪ ائين سمجهن ها تہ سنڌي ماڻهن کي ڪنهن وليءَ يا ديوتا جو پاراتو لڳل آهي جو انهن مٿان قبلي سائين جهڙي چپ ڪري آهي. چنگيز خان چوندو هو تہ "آءٌ خدائي چهبڪ، الاهي عذاب آهيان" قبلو سائين ائين چوي تہ ڪونہ ٿو پر پنهنجي وس ۽ پهچ آهر گهٽ نہ ٿو ڪري.

قبلي سائين مان اها اميد رکڻ تہ برابر ٻيرن کان ٻير گهرڻ ٿيندو تہ سنڌس رت دانگيءَ تي بہ وري پوندو ۽ هن آخري منزل تي بہ هو سنڌي قوم تي قياس ڪائي سندس سڃڻ ٿيندو ۽ ڪيس واڳن جي وات مان بچائڻ جي جدوجهد ۾ شريڪ ٿيندو پر اها اميد رکڻ جو تہ قوم کي يقيني حق آهي تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن جي صدقي هاڻي رڳو ڪٽي بس ڪري.

خدا قبلي سائين جي عمر اجا بہ دراز ڪري اجان بہ جهجها ڏينهن ڏئيس. پر جي ايترو ٿي پوي تہ هو سنڌي قوم کي سندس اڳيان پويان ڏوهہ بخش ڪري هاڻي سندس جند ڇڏي ويهي الله الله ڪري تہ جيڪر سنڌي قوم جو جيڪو ٻيڙو پاڻ هيڏا ڪشالا ڪري ٻوڙيو اٿس تنهن کي وري تارڻ جي ڪوشش تي سگهي ۽ جي سڀ گڏجي هٿ هٿ ڪن تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ طاقت وري بہ ان کي پنهنجي منزل ڏانهن تيزيءَ سان وڌڻ کان جيڪر هرگز روڪي نہ سگهي.

●●●

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami